


ڏِيمي وَهِڪَ درياهہ جي
مشتاق سعيد






آزاديءَ جي موسم
هُن مونکان پُڇيو تہ،
"ڇا آزاديءَ جي بہ ڪا موسم ٿيندي آهي..؟؟
چيم "ها"
جڏهن ڦاهين جا ڦندا،
گونج ڪيڊي ڦُلارجي پون.
۽ انهن ۾ ڪنڌَ،
ڳاڙهن ٻيرن جيان لُڙڪڻ لڳن،
۽ ڌرتيءَ جي سيني تي،
ڳاڙهي پاڻيءَ جو ريج اچي،
۽ مائرون،
ٻارڙن کي سانجهيءَ ويلي،
قوميت جون لوليون ڏين،
تہ اِها مُند،
آزاديءَ جو اُهڃاڻ هوندي آهي...!

# ڏِيمي وَهِڪَ درياھ جي

**(شاعري)**

مشتاق سعيد

سنڌ سلامت

ڪتاب گهر





سنڌ جا سچڻو سلام .........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو **ٻاويهون** ڪتاب **ڏِيمي وَهِڪ درياء جي** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي شاعريءَ جو ڪتاب سنڌ جي خوبصورت شاعر **مشتاق سعيد** جي شاعريءَ تي مشتمل آهي.

اسين ٿورائتا آهيون سجاول جي سهڻي دوست سارنگ حبيب چانديو صاحب جا جنهن نہ فقط هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏني پر ان سان گڏ هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت بہ ڏني. هي ڪتاب **سچائي اشاعتي گهر دڙو** پاران ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساٿين وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
salamatsindh@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# ارپنا

پُونءِ آدم تي اڪ ڪولڻ ڪانپوءِ
شعوري امرت سان سرشار ڪرڻ ۾
منهنجي جنم جو موجد منهنجو
باباسائين "**محمد الياس**"
جنهن مونکي علمي ٻاجهہ سان نوازڻ لاءِ
پنهنجو رت ست نچويو
۽ پياري امڙ "**نوران**"
جنهن پنهنجي ڪُک مان جنم ڏئي
راتين جون ننڊون ڦٽائي مونکي تاتيو
هي ادبي پورهيو انهن ٻنهي
ابي ۽ امڙ جي نالي ارپيان ٿو
جي منهنجا تخليقڪار آهن ... !





# پنهنجي پاران

مشتاق سعيد لاڙ جي اُن مٽيءَ مان جنم ورتو آهي، جنهن مان سنڌ ڪيترا ئي اهم ۽ سچاڻ شخص جنم وٺي چُڪا آهن. جن هر ميدان ۾ پاڻ ملهايو آهي.

۽ هاڻ وري مشتاق سعيد، پنهنجي هن پهرينءَ شعري ڳٽڪي ذريعي ان خطي کي هڪ نئين سچاٽپ ۽ نئون انداز ڏيئي رهيو آهي.

مشتاق هڪ پورهيت نوجوان آهي، جنهن پورهيت ڪلاس مان ئي جنم ورتو آهي، تنهن ڪري سندس شعر ۾ انهن سيني پيڙائن جا پاچا آهن، جيڪي هڪ پورهيت ڪلاس جي فرد ۾ هوندا آهن.

سچائي اشاعت گهر سدائين، نئين ٽهيءَ جي ليکڪن کي اڳتي آڻڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ پنهنجي وس آهر سنڌي ادب جي عمارت ۾ وقت بہ وقت پيو واڌارو ڪيو آهي، ايئن مشتاق سعيد هڪ نئون واڌارو آهي، مشتاق سعيد جو هيءُ پهريون شعري مجموعو اميد تہ پڙهيو ۽ پڙهايو ويندو.

**يوسف سنڌي**

**مُهاڳ**

# تندرُست تشبيهہ جهڙو شاعر

هوائن جي هٿن مان ڪري پيل خوشبوءَ جي خواب ڪي ڪوبہ کڻڻ لاءِ تيار ئي ناهي.

ماڻهو بي عقليءَ جي بار سان ايترو تہ پرجي چُڪا آهن جو مُحبتن جو معيار ئي ماري ويٺا آهن. سوچون ڌُٻي ۾ ٻيٺل پاڻيءَ جئيان ڏينهون ڏينهن گدليون ٿي رهيون آهين. ڪا بہ سچائي سمنڊ جي سيني جئيان اُٿي اُڀي ٿيڻ لاءِ تيار ئي ناهي.

پر ڪڏهن ڪڏهن من جي مانار مان هڪ گُمان نئين سو گونچ ڪڍڻ لڳندو آهي ۽ ويساهہ جي ويڙهيل ورقن ڪي ورجاءُ جو وطن ٻڌائي سڦلتا جو سڏ ٻڌجي شعور جي شهر ۾ گهنڊ جئيان گونجڻ لڳندو آهي.

اهڙي ئي شاعريءَ جي شعوري گهنڊ جو آواز منهنجي احساسن جي دُنيا ۾ ايئن داخل ٿي پيو آهي، جيئن نريل جسم ۾ ٻيهر ساهہ جي سلسلي جو سفر شروع ٿي پوندو آهي.

مشتاق سعيد هڪ باصلاحيت انسان تہ آهي، اها ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي رهي، پر پاڻ ان کان وڌيڪ هڪ باصلاحيت شاعر ۽ نثر نويس آهي، سندس خيالن جي اُڏار چڪور جي چريائيءَ کان بہ اڳتي اُڏرندي نظر آئي آهي، هن جي شاعريءَ جي سٽ سٽ ۾ سچ جو سقراط وهہ جون وٿيون پيئندي نظر اچي رهيو آهي سندس شاعري ۾ ڪافي اهڙا خيال آهن، جيڪي خُدا سان همڪلاميءَ جو حُسن رکن ٿا، ۽ انسانيت جي اهميت ڪي مذهبن جي ماپي کان مٿاهون ٿا سمجهن، اهڙن احساسن جي امير شاعر ڪي آخر ڪهڙن وضوع ٿيل لفظن جا ورق اوڊائجن.


www.sindhsalamat.com



سندس شاعري دودي سومري جي تلوار جي تجلن کان وٺي پٽائيءَ جي پير ۾ ويٺل تمر فقير جي تبصرن تائين جاڳيل نظر آئي آهي، تہ ڪٿ وري جوانيءَ ۾ مري ويل ڪيتو ڪولهڻ جي قصي جو مرثيو ٻڌجي درد جي ديوار سان ٽڪرائي آهي، سچ پڇو تہ هن ڪتاب جي شاعريءَ جو هر موضوع هڪ ڏکي تبصري جي تاريخ لڳي رهيو آهي، جنهن تي پرپور ڳالهائڻ لاءِ يقينن تہ وقت پنهنجون اکيون پاڻ ڳهر مان ٻاهر ڪڍڻ ڳالهائڻ لاءِ وڏا ڳاٽ ڪٽندو هي حق جي آواز جو السٽي شاعر اونداهين ۾ چنڊ اُڀارڻ جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي، ۽ ٻاک جي پنل بدن ۾ تازن ٽڙيل گُلن جي مهڪ ۾ سمائجڻ جون صدائون ڏئي رهيو آهي، تہ جيئن پوپٽن جا پنڌ مرڻ جي موسمن کان بچايا وڃن، ۽ روح جي زمين تي هڪ اهڙي مُحبت جو ٻج ڇٽيو وڃي، جنهن مٿان نفرتن جي پيل جو اثر ئي نہ پوي، اهڙي ئي پيغام جو پنڌ هن ڪتاب جي هر ڪوتا ۾ ڪوسن احساسن جي اکين سان اُپريل آهي، جنهن جي جمال جي هر جاڳ ۾ نديءَ جهڙي رواني آهي، ۽ بانسريءَ جي ٻُت مان نڪتل سُرن جي سرور جهڙو رڌم، جنهن ڪي ٻُڌڻ لاءِ ٻيجل بہ سُرندن جا ساهہ جهڪا ڪري ڇڏيندا آهن، وقت جي بي ترتيبيءَ جي پاڪُرن مان نڪري مڪمل ٿيڻ جي آرزو سان اڳتي وڌڻ لڳندو آهي، ۽ ڪئين اڻ ڳڻيا احساس پنهنجو پاڻ مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ اُڇلون کائڻ لڳندا آهن، خيالن جي وادين جا وهڪرا جڏهن بہ پرپوريت سان وهڻ لڳندا آهن تہ هر رُڪاوٽ رولڙي جو شڪار ٿي ويندي آهي، ۽ منزلون مُحبوب جي مرڪ جئيان مهڪندي نظر ايندڻون آهن، جنهن جي خوشيءَ جو تصور آسمان جي اوچائي کان بہ وڌيڪ محسوس ٿيندو آهي، ائين ئي مونکي هن ڪتاب ”ڏيمي وهڪ درياهہ جي“ کي پڙهندي خود پنهنجي سوچ ۾ ئي ڪافي نوان شعور جا رستا وشاليت جي وِڪ سان وڌندي محسوس ٿيا آهن، جڏهن تہ هن ڪتاب جي نالي کي پڙهڻ سان ذهن سُستي جي خيال ڏي تہ وڃي ٿو پر اندر پڙهڻ سان اکر اکر جي اک ۾ عجيب ۽ اونها اسرار سمايل ٿا ملن، هن ڪويءَ جو هي ڪمالياتي پورهيو هن سماج جي دٻيل ذهنن لاءِ هڪ اُملهہ اثاثو آهي، جنهن کي پڙهڻ ۽ محسوس ڪرڻ سان ماڻهو غفلت جي غارن مان


www.sindhsalamat.com

باهر نڪري ٿو اچي ۽ پنهنجي سُڃاڻپ لاءِ هڪ نئون سوال پنهنجو پاڻ ۾ ئي ڪٽي پٽڪڻ ٿو لڳي، جنهن جي پُڇاءَ جا پر ٿڪاوٽ جي اُس ۾ هڪ پل بہ اُداس ٿي ويهڻ پسند ئي نٿا ڪن، هن ڪتاب ”ڏيمي وِهڪ درياھ جي“ ۾ هر دؤر جي پيڙاءُ سان گڏ ٽُٽل شيشن مثان اُڇلايل اُميدن جي آهن جو اھڙو تہ اثر سمايل آهي، جنهن کي محسوس ڪرڻ سان من جو سڄو سڪون اکين جي آلاڻ ڏي ڏڪجي ٿو وڃي، ۽ ساھ سُڏڪن جي صليب تي لٽڪي تڙپ جي تيرن سان گھائجڻ ٿو لڳي تہ ڪٽ وري ڪلا جي ڳُن مان ٻاهر نڪتل لُڙاٽيل لهرن سان گڏجي ڪنڌيءَ تي ويٺل مُهاڻيءَ جي جوان رُتن جهڙا رنگ چلرجي چٽ سان وجود کي ئي واسيو ٿا ڇڏين، جنهن تي دل بہ دنبورو ٻڻجي ڌڙڪڻ ٿي لڳي، سچ پُڇو تہ آئون هن ڪتاب سان اجان بہ لکڻ ۾ انصاف ناهيان ڪري سگھيو پر ايترو ضرور محسوس ڪري سگھيو آهيان تہ هن هلندڙ سنڌي ادب جي سُٽن ۽ شعوري ذهنن کي لازمي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪندو ۽ پنهنجي حصي جي مُحبت مان ۽ مُرڪن سان ماڻيندو، ڇو تہ ‘مشتاق سعيد’ جي شاعري ڪنهن بہ سرحد اڳيان سِر جُهڪائي ساھ ٽوڙڻ جي ڳالھ ئي نٿي ڪري، پر ويتر سوچ جي هر وِک کي آزاديءَ جا ڳُنگهرو پارائي اڳتي وڌڻ جا مضبوط اعلان ڪيا اٿس، ۽ اُميد آهي تہ هي تندرست تشبيھ جھڙو شاعر پنهنجي مقصد ۾ ضرور ڪامياب ويندو.

**اياز امر شيخ**
12_4_2012





شاعر پاران:

# اُڻ ٽُڻ منهنجي اندر جي...!

ڳُنيءَ جو ڍِڪ لهي چڪو هو، ماڻهن جا انبوھ هئا، قطار ۾ بيهندي بيهندي سانجھ لڙي چُڪي هئي، پر اجا تائين مونکي اهو مڏ پيئڻ جو وارو نہ مليو هو، خالي پيالي کڻي قطار ۾ بيٺو هوس، همت نہ هاري هئم، هڪ نہ کٽندڙ انتظار پيڙاءُ ڏئي رهيو هو، پر اجا بہ آس نہ مُرجھائي هئي.

ڪجھ سئو سال اڳ جيڪا ڳُني پٽائيءَ چاڙهي هئي، ان ۾ پريل مڏ مَتل هو ۽ جڏهن درازن جي ڏرتيءَ تي لال لطيف اهي اکر اچاريا تہ ”اسان جيڪا ڳُني چاڙهي آهي ان جو ڍِڪ سچل لاهيندو.“ تڏهن تاريخ جي شفق تي لالاڻ تري آئي هئي، ڪوهن تائين پنڌ ويندڙ پيادل مسافر درازن جي در تي ويهي رهيا هئا ۽ اکين ۾ اڻ تڻ جاڳي پين تہ ڪڏهن ٿو ڳُني جو ڍَڪِ لهي ۽ ان ڳُنيءَ ۾ پريل مڏ مان ڳا سُرڪي پي خشڪ چپن تي نکار آڻين. زمانن جي دز اڏامندي رهي ۽ سج اڀري لهندا ويا، نيٺ سچل ان ڳُنيءَ جو ڍِڪ لاٿو جوڳين جا ميڙ هئا، سنڌ مهڪي پئي هئي، دودي سومري ۽ هوشو شيديءَ جي ڌرتي تي ان مڏ جي خوشبوءَ واسو ڪري ڇڏيو هو پٽ جو ڏٽي لاڪيٽو لطيف ان ڳُنيءَ مان مڏ پريندو ڏيندو ويو ۽ ڪاپڙين جاميڙ، پيالن جا ٽڙڪاٽ، جيئن سانجھ ويلي سَرَ جي پرسان ڍنڍ تي اچا هنج تڙڳي رهيا هجن. مون قطار مان ڪنڌ ڪڍي نگاھ ڪئي، پٽائي مڏ پري رهيو هو ۽ ڪنچير ڪاپڙي پيالا پيئندا پنهنجي واٽ وٺندا رَمندا رهيا. مون پٽائيءَ جي پَر ۾ سچل سائينءَ کي ڏٺو جيڪو ڳُنيءَ جو ڍِڪ لاهڻ ڪانپوءِ وجد ۾ اچي جهومي رهيو هو. مون پيھ ۾ اهو نہ ڏٺو تہ هيستائين ڪنهن ڪنهن کي ان ڳُنيءَ جو مڏ مليو هو ۽ ڪنهن ڪنهن کي هاٽي ملڻو هو. چٽائي ڏٺم مونکي پٽائيءَ جي پر ۾ ڪيترائي ڪاپڙي نظر آيا،

جيڪي مونکي منهنجي سپنن جي ساڃاهہ ڏيندڙ هئا. مون امر جليل کي ڏٺو خليفي نبي بخش قاسم کي ڏِٺم، شيخ اياز کي ڏٺو سراج کي ڏٺم، آسي زمينيءَ کي ڏٺم، حسن درس کي ڏِٺم، امر سنڌو ۽ زيب نظاماڻي کي ڏٺم، اياز امر شيخ کي ڏٺم، نجم عباسي ۽ ابراهيم جويي کي ڏٺم، ۽ اڻ ڳڻيا انسان ڏٺم جيڪي سانت ۾ بہ گونج بڻيل هئا. ٻيجل جو چنگ ٻُري رهيو هو ۽ موهن جي دڙي مان لڏل ناچڻيءَ جي مجسمي ۾ پساهہ پئجي ويا هئا، رقص سنڌ کي جهومائي رهيو هو. مون تتل منجهند جو ڪيتريون ئي اُسون ڪاٽيون هيون پر منهنجو وارو اڃا نہ آيو هو. ٻيهہ ٻيهہ پيرن جا تَرا ٽپي پيا هئم، پر خالي پيالي سان ان قطار ۾ بيٺي اڃا اندر جي آس هيٺي نہ ٿي هئي.

من ئي من ۾ سوچيم تہ جڏهن وارو ايندو تہ آئون لال لطيف کي ٻڌائيندس تہ سائين مان پيالي سان گڏ خالي جهولي بہ کڻي آيو آهيان، عمرَ جي ناڪام عشق ڪانپوءِ مون مارئيءَ کي چاهيو آهي، آئون ڪيس ڪوهہ تان ڪنيي نہ کڻي سگهندس پر مارئي منهنجي من مندر ۾ جرڪندي رهندي راڻي جي وڃڻ ڪانپوءِ آئون مومل تي بہ عاشق ٿي پيو آهيان، آئون مومل کي ماڻڻ چاهيان ٿو. پنهونءَ کي جت وٺي ويا، آئون سسئيءَ کي سيني سان لڳائڻ چاهيان ٿو. ميهيار ۾ همت نہ هئي جو پاڻ درياهہ پار ڪري سهڻيءَ ڏانهن وڃي ها، آئون گهڙي تي تري سهڻيءَ جي هنج ۾ ڪجهہ گهڙيون سندس وارن جو واس وٺڻ چاهيان ٿو. لطيف سائين الائي ڇو منهنجو عشق محدود ناهي رهيو. آئون ان سِٽَ کان منهن موڙي چڪو آهيان تہ، ”دل جو دلبر هڪڙو گهڻا تان نہ ڪجن.“ منهنجا ڪيترائي دلبر آهن، مون مارئيءَ کي چاهيو آهي، سسئي، سهڻي ۽ مومل کي ماڻڻ جا بہ خواب ڏٺا آهن، مونکي الائي ڇو محسوس ٿيڻ لڳو آهي تہ منهنجو وجود، منهنجو واسو انهن سيني ۾ آهي ۽ انهن سيني جو واسو منهنجي وجود ۾ آهي، آئون سڀ ۾ سمايل آهيان ۽ سڀ مون ۾ سمايل آهي، ان ڪري مون اڻ ڳڻيا عشق ڪيا آهن پر مونکي ان عشق جو انت لهڻ لاءِ، ان ڪُنيءَ جو مڏ پيئڻو آهي، جيڪا لطيف سائين توهان چاڙهي ۽ سچل ان جو ڍُڪ لاٿو آهي.





اڻ ڪٿ قطار ۾ مونکي اڃا بہ شايد ڪيتريون ئي ويلون انتظار ڪرڻو پوي، پوئين رات جا ڪيئي پهر ائين ڪلي آسمان هيٺ ٻيهہ گذارڻا پون، ڪيئي چيرون ۽ گهنگهرو منهنجي ڪنن ۾ پڙلاءُ ڪندا رهندا تہ، ”پرهہ پري آ پتو نہ آهي تہ رات ڪيسين ڏهاڳ ڏيندي.“ ها پر پوءِ بہ منهنجي اندر جي اڻ تڻ مونکي موٽي وڃڻ نہ ٿي ڏئي، آئون هٿن ۾ خالي پيالي کڻي قطار ۾ ٻيهہ وارو اچڻ جو انتظار ڪري رهيو آهيان تہ نيٺ ڪُنيءَ کي ويجهو پهچندس ۽ پٽ ڏٺيءَ جي چاڙهيل مڏ مان سُرڪ پيئندس.

**مشتاق سعيد**
03332723101

# دامنِ صحرا ۾ ٽڙيل ڪنول...!

لهرن سان ويڙهاند ڪري مَڇَ مارڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي، لوهه ڪٽي اوزار ڪيڻ به ڪو سولو ڪم ناهي، اهڙي ريت حُسن، محبت، غم، خوشي ۽ وڇوڙن جي احساسن کي لفظن جي هيرن سان گُهڙي شعرن جي مالا ۾ وزن ۽ بحر سان شاعريءَ جو سهڻو زيور گهڙڻ جي ڏات به ڪنهن ڪنهن وٽ هوندي آهي، بلڪ ايئن ڪٽي چئجي ته ان احساس کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ به هڪ ڏات ئي آهي، انسان جڏهن کان شعور جي حدن ۾ داخل ٿي جذبن جي اظهار لاءِ لفظن جو سهارو وٺڻ شروع ڪيو شايد شاعريءَ جو بنياد تڏهن کان ئي پيو...!

”سعيد“ جو پاڳ آهي جو هن لاڙ جي دل ٺٽي جي ماجر واري علائقي سجاول ۾ جنم ورتو هيءَ اهائي مٽي آهي جنهن مان سرويچ سجاولي، محمد خان مجيدي ۽ رنگريز سميت انيڪ سنڌي اديبن ۽ انقلابي شاعرن جنم ورتو. شايد اهو ئي سبب آهي جو سندس شاعريءَ ۾ رقابت رفاقت سميت محب وطني ۽ انقلاب جا روح ولوڙيندڙ جذبا ۽ احساس به ڪرموڙيندي نظر ايندا. پر سعيد جو اپاڳ اهو آهي جو هن مسڪين پورهيت محمد الياس جي غريب گهر ۾ اک کولي، جنهن سبب هي نسري نه سگهيو آهي ۽ اپري نه سگهيو آهي. سعيد سان منهنجي پهرين ملاقات 2004ع ۾ ٺٽي جي هڪ خانگي اسڪول ۾ پڙهائڻ دؤران ٿي، جتان کان ئي محبت جو هي ڪاروان روان ٿيو ۽ دعا آهي ته آخري دم تائين الفت حيات رهي. مشتاق سعيد اندر هڪ سٺي ليکڪ، استاد ۽ صحافي سميت انيڪ گڻ موجود آهن جن کان آئون ڪافي متاثر ٿيندو آيو آهيان، ڪن هنڌن تي آئون کيس پنهنجو آدرش مڃيندو آهيان، ڪڏهن ڪڏهن رفاقتن ۾ ڪي شعر چئي ويندو هو پر مونکي اها ڄاڻ نه هئي ته هن وٽ شاعريءَ جي به ڪا ڏات آهي. پر جڏهن


www.sindhsalamat.com



هن ڪتاب ڇپرائڻ جو ذڪر ڪيو ته سندس ڪيل پورهئي مونکي دنگ ڪري ڇڏيو.

آئون هڪ ننڍڙو ماڻهو سو مونکان ڇا لکيو ٿيندو؟ وڏي همت سان هي چند سٽون لکيون اٿم پر اهي صفا ٿورڙيون پيون لڳن ۽ هيڏي املهه شاعريءَ جي وچ ۾ جڻ ته انبن وچ ۾ ڪيلي جيان...! خير مختصر ته ڏاتار طرفان ڏنل ڏات ته گهٽي شيءَ پر غربت سعيد کي اسرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي، هن شعر جيان ته.

”خبر ناهي ڪنهن رنگين چمن ۾ چو نه ٿياسين پيدا،
ٽڙياسين دامن صحرا ۾ سڄي خوشبوءَ اجائي وئي.“

**شيراز گل ميمڻ**
گجو ضلعو ٺٽو


www.sindhsalamat.com

# نظم/
# نثري نظم





## واچوڙا ڙي

ڳاٺ نہ ڪڙ تون واچُوڙا ڙي،
منهنجي پُونگي ڏاهڻ جي لئہ،
پُونگيءَ ڪي جي ڏاهيندين تون،
سارا ڳڪَ اُڏائيندين تون،
مان تہ گذاري ويندس سِيءَ ۾،
سياري جون هي ڏکيون راتيون،
ڏرتيءَ ڪي ئي وڇاڻو سمجهي،
اُپَ ڪي سمجهي چادر پنهنجي،
ليڪن هي جو
منهنجو معصوم پُٽڙو آهي،
منهنجو آهي مستقبل سو،
جِهرڪيءَ جهڙو ننڍڙو آهي،
سونہ گذاري سگهندو راتيون،
پوهہ جا پارا ۽ برساتيون،
سامهون هڪڙو مندر آهي،
مسجد پِي ان جي پَر آهي،
اوڏانهن وچ تون،
پنهنجون ڦيريون پائڻ جي لئہ،
پنهنجو سينو ساهڻ جي لئہ،
ڳاٺ نہ ڪڙ تون واچُوڙا ڙي،
منهنجي پُونگي ڏاهڻ جي لئہ.

❃

# موت پيو ڀڄي تو

زندگي آ ڪائنات،
موت ان تي آهي گهات،
زندگيءَ کي مون ڏٺو
تڙڳندي آ ڄَرَ متان،
مان لڳي موتيو آهيان،
موت جي مِمبَر متان،
مون ڏٺو آ،
زندگي جيئڻ،
موت کان ڀڄندي آهي،
موت پيو ائين،
زندگيءَ کان،
ايترو ڀڄندو آهي،
ڪنهن حَسينا جي اکين،
جي سپيتا ۽ ثبات،
ڪنهن بہ ڪوئل جا لَنوِي،
پير وَٽ تي آهي لات،
موت جا ماري سگهيو...؟
لات کي جا آهي ڏات،
زندگي آ ڪائنات.

❃





# باک کا هِت آٽبي

رهگذر راڪاس جي وَرِ آ چڙهيو
ڪافلن جا ڪافلا لُتبا وڃن،
منزلن جا فاصلا وڌندا وڃن،
سج ويو آ سمنڊ جي هن اوٽ ۾،
۽ سِتارا بادلن جي ڪوٽ ۾،
راهہ ڪاري آ مگر،
همتون گڏجن پيون،
غير تون گرجن پيون،
پير سان پيرا ملائي ساٿيو
هم صلاحيون صحبتون سِرجن پيون،
نيٺ منزل ماٽبي،
رات کي چِيري مگر،
باک کا هِتِ آٽبي،
باک کا هِتِ آٽبي.

❃

## طوطن جو غم

راتِ،
پوڙهي ٻڙ جي ٽُڙ ۾ ويٺل،
طوطن ٻاهر ٻُوٽ ڪڍيو
مڌر چند جي سُهائيءَ ۾،
جهنگل کي ويران ڏٺو
چُڻ پُڻ طوطن هيئن ڪئي جو،
کهڙي آ هِتِ ماڪ پئي جو...؟
جهنگل ٿيو ويران سمورو
ڪيڏو آ سُنسان سمورو
ڪنهن وقت هتي ٿي مور ٽِليا،
۽ هرڻين شور مچايو ٿي،
ڪونجن جي بہ قطار هئي،
۽ ٻاٻيهن ٻُرايو ٿي،
اڄ کهڙو مارِي آيو آ،
ٿي بَن تي ڏانئڻ ڇانيو آ،
اڄ ڪائي ڪُوڪ نہ ٻُڌ جي ٿي،
۽ هن ٻڙ تي،
ڪوئل ڪائي ڪين اچي ٿي،
هل تہ هلون هي ٻڙ ڇڏي،
هماليہ جي چوٽيءَ تي،
آکيرا ڪي ڏور اڏي.

❋


www.sindhsalamat.com

ڏيمي وَهِڪ درياء جي - مشتاق سعيد

## انتظارِي

سج اُلارِي سونهري ڪَرِڻ،
ڪارو خيمو اُڏڙي پيو
اونداهہ جو چوغو چيهون،
ٽِڙڪائونءَ جيئن ٽِڙڪي پيو
باڪ پَليريءَ پيرا پاتا،
هارِي جهارِ اُڏائڻ ويو
جُهو جُهو ماٽي جُٽجي وئي ۽،
ڪانگ اُڏاٽا ڍنڍ مٿان،
ڪيڏو تولئہ تڙپيس ليڪن،
سَرِ تي آئينءَ تون نہ ڪِٿان،
رات نہ آئينءَ ڇا لئہ تون...؟
دَرَ ڏانهن ڏسندي ٿي وئي پر پات
نہ آئينءَ ڇا لئہ تون...؟

❋


www.sindhsalamat.com

# ٻوليون ڪيئي چوليءَ وانگي

تون تہ پُڇين ٿو گيت رڳو ڇو...؟
گيت سوا گفتار نہ آڇا....!
هاها گيت سوا گفتار بہ آهي،
ٻوليون ڪيئي چوليءَ وانگي،
پاڻي درياهہ تار بہ آهي،
لهرون لهرون سمنڊ لُڇي ٿو
لهرن جي لهسار بہ آهي،
من ۾ مُجرا روز ٿين ٿا،
ڇيرن جي ڇمڪار بہ آهي،
پوءِ پي،
ڪائنات جي ڪنڊ ڪنڊ ۾،
سج، ستارا، چنڊ ۽ ڌرتي،
هر هڪ ڪي سُرِ تار بہ آهي،
سرگم تي ٿي،
زندگيءَ جو وهنوار بہ آهي،
ان ڪري مان،
گيت لکان ٿو جو هيءَ ڌرتي،
سُرَن سان ٿي مهڪي ٿي ۽،
ڪائنات جي ڪنڊ ڪنڊ ۾،
سُرَ سمايل آهن سانڍڻ،
ڪيئي نڪتا ڳيرو ڳائڻ،
ڪيئي نڪتا ڳيرو ڳائڻ.

❋

سنڌ سلامت





# ڳيي جي ڳولا...!

مونکي مانيءَ ٽُڪرو گهرجي،
مانيءَ عيوض،
مونکان ڪو احساس خريدي...!
مون وٽ ملڪيت مال نہ آهي،
ٻُڪ ڪيو بد حال بہ آهي،
منهنجي ڪُلِ زندگيءَ جي پُونجي،
ڪيئي گيت اڌورا ڪورا،
ڪيئي آسون، نينهن نِڪورا،
ڪيئي سپنا خواب اڌورا،
مون وٽ نرمل يادون آهن،

سنڌ سلامت

هرڻيءَ جهڙي محبوبا جون،
مون وٽ ڪيئي اداسيون آهن،
سانوڻ رُت جي سانجهيءَ جهڙيون،
ڪوئي منهنجو ماسِ خريدي،
مانيءَ عيوض،
مونکان ڪو احساس خريدي...!
مان هان وارث تهذيبن جو
خالي هي تابُوت بچيا هِن،
تاريخن جا سُرخ ڪفن ۾،
نوحن جهڙا گيت بچيا هن،
موهن جا آثار بچيا هِن،
ماتم جهڙيون سُرمئي شامون،
اوچنگارون ۾ پار بچيا هِن،
مقتل جي ديوارن تي هي،
رَت ڦڙا جي جرڪن پيا ٿا،
سي ئي منهنجي ملڪيت آهن،
اوجاڳن ۾ ارمانن جي،
آڪيري ۾ خواب ٽنگيا هِن،
سي ئي منهنجي ملڪيت آهن،
ڪوئي مونکان ڪاش خريدي...!
مانيءَ عيوض،
مونکان ڪو احساس خريدي...!
مونکي مانيءَ ٽڪرو گهرجي.

❁





# ڇا هِي سڀ ڪجهه مِٽي آهي؟

مُلان چيو مان مِٽي ئي آهيان،
مَري بہ آخر مِٽي ئي ٿيندس،
اسان چئون ٿا انگور جيڪي،
مِٽيءَ منجهاران ڦُٽي پيا هِن،
وليون ڦلاري ڳُتي پيا هِن،
شراب اوتي تِني جي رَس مان،
مچائي موکي پئي ٿو ڇَس مان،
انهيءَ جي مَستي مٽي تہ ناهي...؟
جسم جي گهر ۾،
اندر جي هستي مِٽي تہ ناهي...!
مِٽيءَ منجهان هي ڏيئا تہ جُڙيا،
مگر سُهائي مٽي تہ ناهي....!
مقبرا تو اڏي بہ ڇڏيا،
مگر پٽائي مٽي تہ ناهي...!
اسانجا نغما مِٽي تہ ناهن،
اسانجا نغما اُڏار آهن،
سَوَن صدين جي گُنجار آهن،
تِني کي ڪوئي نہ مات ڏيندو،
اسان دُنيا ۾ نہ ئي رهون پر،
سفر اسانجو صديون ٽپيندو.

❁

سنڌ سلامت

## اي موت...!

اي،
موت تون ايڏو اُبهرو ڇو آن...؟
رات بہ منهنجي مئخاني تي،
لامارا ڇا لاءِ ڏنا تو...؟
شايد منهنجا ڏينهن ڪُتا ها.
موت جو ٽاڻو مقرر ٿيو هو
سانجهہ لَڙي هُئي، جامَ ڀَريا ها.
مونکي جيڪو جام مِليو هو





سو تہ امرتا جو هو پيالو
جنهن جي خوشبو
موت گَليءَ لئہ آهي ٽالو
اي موت، شايد،
ان جي خوشبوءَ سُنگهڻ ڪانپوءِ،
مئخاني تي پهچڻ ڪانپو
موڪيءَ جو مڏ جرڪڻ ڪانپو
موٽي وئين تون هٿين خالي،
منهنجي هٿ ۾ هُئي جو پيالي،
مونکي پاڻ سان ڪين نِيو تو
لامارا ڏئي گس وَتو تو،
موت مگر مان ڇاٽان ٿو
جنهن ڏينهن هٿ مان جامِ ڪِري پيو
پيالو پَٽ تي پورا ٿي ويو
پيهر موٽي ايندين تون ءِ،
ساڻ وٺي پو ويندين تون،
آخر مان پيِ هلڻو آهيان،
واپس ليڪن ورڻو آهيان،
روپ نئين سان رچڻو آهيان.

*

## چنڊ پرولي...!

آ چنڊ پِرولي ڪنهن نہ پَڄي،
تون ڇا لئہ چمڪا ڏيندو آن...؟
هن ٽر جي ڇؤنري جي ڳڙڪين مان،
تون ليئا پائي لهندو آن،
هي رات انڌاري ڪوجِهي ڪاري،
آ توبن ڪيڏي چنڊ، ٻُساري،
آ تل ترائيءَ جي پر ۾،
هيءَ جوين سان جا پريل ناري،
گهاگهر سان گڏ سِرَ تي وينڊا،
ڇاتيون ان جون جيئن پَپيتا،
تون تنهن ڪي گهُوري ڏسندو آن،
تون ليئا پائي لهندو آن،
اي چنڊ ٻُڏا مان پانيان ٿو
آ توڪان پيي ڪو وچڙي ويو
تون روز ازل کان جانچي جانچي،
اُن ڪي پيو ڳوليندو آن،
۽ مون جيئن جاڳي جيئندو آن،
۽ ڏوُر افق تي تَرندو آن.

❋





## اي قافلا ٿورو رُڪو...!

اي ڪافلا ٿورو رُڪو اي قافلا ٿورو رُڪو
هوءَ سانجهہ سان گڏ آ لڙِي، ڊِنڊِ جي ڪپري مٿان،
هوءَ نيرڳيءَ جهڙي ڳچيءَ سان هٿيلي پيو ڏسان،
ڪو گيت پئي ڳائي ٻُڏو
اي قافلا ٿورو رُڪو...!
هوءَ گيت ۾ ئي مَست آ مڌ جهڙي ڇوڪري،
هوءَ روح صدين جو لڳي چنڊ جهڙي ڇوڪري،
هوءَ هنس وانگي ٿي هلي مَنڊ جهڙي ڇوڪري،
جڻ ڪونج ڪُرلائي ٻُڏو
اي قافلا ٿورو رُڪو...!

ها منزلون ڏاڍيون پَري پر هتي ٿَمجي وڃو
ها گيت ۾ رُخنو نہ پَئي ٿورڙو رُڪجي وڃو
ها سونهن جي هِن ساز سان روبرو رلجي وڃو
ها روح گرمائي ٻُڌو
اي قافلا ٿورو رُڪو...!
هوءَ آ پڙاڏو سَڌَ جو ديس جي رَمتي اَٿوَ
هوءَ وِلهہ تاريل مڌ جي امرتي سُرڪي اَٿوَ
هوءَ ڪاسبي جي ڪنڊ تي ٻوڙندڙ هرٽي اَٿوَ
ڪن پل جي لائي ٻُڌو
اي قافلا ٿورو رُڪو...!
هيءَ پاڻياري جي وئي پو نہ ايندي ماڳ تي،
هي گيت جي رُڪجي ويو جو تتو ڪنهن آڳ تي،
پو ڪين سگهندو توڙ ٿي زندگي جي راڳ تي،
ڪو ڪينرو پائي ٻُڌو
اي قافلا ٿورو رُڪو...!

❁






## جُوءَ ۾ جهانجهر وڳي...!

جُوءَ ۾ جهانجهر وڳي،
تڙ تان نڪتي تِڪي،
هوءَ هرٽيءَ لُوهہ جيئن،
روح ۾ رچجي وئي،
چير پاتل پيرڙا،
ڏر تتيءَ تي جو ڏري،
ڏينهن ٿاندٻاٽا ٿريا،
بوند پئي آگم ڪري،
مڌ جي مٽڪي جئن،
هوءَ رسيلي ڇوڪري،

”ڪاسبي“ ڪان ڪاڪ ٽائين،
هوءَ ٽريلي ڇوڪري،
منزلن جي سونهن آ،
سپ دلين جي سونهن آ.
مان بہ ٽورو ٽَڪ ٽميان،
ڪي گهڙيون هُن ڪي ڏِسان،
اک جي آئيني تي،
عڪس ڪي هُن جا چٽيان،
مان پڪاسو ناهيان پر،
دل جو مصور آهيان،
ڪي گهڙيون گُهوري وٺان،
سونهن تي سوري وٺان،
اپسرا جو آ لنگهي،
ٽڙٽان نڪتي ٽِڪي،
جُوءَ ۾ جهانجهر وڳي.

❋


www.sindhsalamat.com



## ايندين آخر ڪيئن ڪِٿان...!

واچُوڙن آ وار ڪيو ءِ،
ڳَڪ اُڏاٽا ڪاڪ مَٿان،
ايندين آخر ڪيئن ڪٿان؟
ايندين آخر ڪيئن ڪٿان؟
هي جي مَڏ اُبرڪي پيا هن،
ڏؤنري جيئن اُڦرڪي پيا هن،
ڪَٽا ڪارا زهر ٿي پيا هن،
گيت ڳسارا ساز ڳسارا،
نهر هيا سي لهر ٿي پيا هن،
تِن سان جيئڙو ڪيئن جَڙيندين؟


www.sindhsalamat.com

ڪٿان ايندين، ڪيئن تہ ايندين؟
ايندين آخر ڪيئن ڪِٿان؟
هي جي وَليون واٽ ڦُلاريون،
گهوڙن سنبن سي چيٿاڙيون،
ڍَڪجي رڪجي وِهہ ٿيون هن،
ورهين جون هي ڳسيل ناريون،
تن جي دل جا گيت مَري ويا،
ڪائي وئي آ ڪاري ٻڄي،
ڪنهن جا ٻپ ۾ ٽپ ٽري ويا،
پاڙياريون هي پَرٽي ڪان اڳ،
پڃري پڃري پوڙهيون ٿيون هِن،
بادل جون ڏِس گوڙيون ٿيون هِن،
وسڪاري جا ريلا وِهائي،
خواب ڪٽي ويو پاٽي لوڙهي،
خالي من بي حس رهيو آ،
تولئہ ڪوبہ نہ گَس رهيو آ،
پنهنجا ديرا ڪِٿ اڏيندين؟
ڪٿان ايندين ڪيئن تہ ايندين؟
ايندين آخر ڪيئن ڪِٿان؟

❁






## رَتَ جي ميندي

تون ڪنڌ ڪپائي ايندين جي،
مان تولئہ ميندي ٻوڙيان پئي،
سي تنهنجا هٿڙا لال ڪري،
مان چوٽيءَ ۾ سِندور پريندس،
اوچو پنهنجو ڳاٽ ڪري،
مان سنڌ کي ٻاڪون آڇيندس،
۽ لک مبارڪ باسيندس،
او ڌرتي منهنجي سائڻ،
مون گهوٽ ڏنو آ گهورَ ڪري،
شل اهڙو وارو جلد وري،
جو توتي ڪيئي گل ٽڙن،
۽ پوءِ ڪائي سانجهہ نہ ٿئي،
۽ موتيا مورِ نہ مُرجهائجن.

❁

# ٻي جنت ڪهڙي...؟

ڪنهن ڪنواري ڳڀرو ناريءَ جا،
جي ڳاڙها ڳاڙها ڳل چُمين،
آ ان کان وڏ ٻي جنت ڪهڙي...!
جي ڪارا ڪاڪُل واس ڏين،
۽ ٻانهون ٻيئي ونگ وجهن،
۽ ڪوسا ڪوسا ساهہ کڇن،
جي اهڙو ڪوپل تون ماڻين،
آ ان کان وڏ ٻي جنت ڪهڙي...!
هي لڱ اجايل سالن جا،
ڪنهن جوڀن جي تہ جُوالن جا،
جي تن جي اڄ اجهائي سگهين،
آ ان کان وڏ ٻي جنت ڪهڙي....!
ڪنهن اک ۾ ڪجلي ڏارِ هجي،
۽ جوڀن درياهہ تار هجي،
هڪ سهڻي ٻيو ميهار هجي،
۽ هنج ۾ ڪائي ڪونج پَسين،
آ ان کان وڏ ٻي جنت ڪهڙي...!
او جنت جا اي سڏڙيا مورک،
آ منهنجو هيڪر بهشت ڏسي وڃ،
دل جي اندر بهشت ڏسي وڃ.

❁


www.sindhsalamat.com



# مُراقبوءِ مسجد

آ تنهنجي منهنجي واٽ وِڇوٽي،
منهنجا سي ئي عقيدا ناهن،
جيڪي تنهنجي من کي ڀائن،
منهنجي پُوڄا مُراقبو آ،
ڪنهن دور اڪيلي وستيءَ ۾،
ڪنهن رڻ جي ٿريل راتين ۾،
مون منهنجو ڳولي ربّ ڏٺو،
آ پنهنجي من جي هستيءَ ۾،
تون ڏر تتيءَ جي لُڪَ نہ ڄاڻين،
تون آرائش جو عادي آن،
تون اي سي پنکن ساڻ سجائي،
رنگا رنگي مسجد ٺاهي،
سک سان ويٺو ربّ کي ڳولين...؟
تون فطرت جي پرواز نہ ڄاڻين،
تون لهرن جا ڪي ساز نہ ڄاڻين،
تون اندر جو آواز نہ ڄاڻين،
تون پنهنجي مَن کان آهين پري،
پو توکي مالڪ ڪيئن مِلي...؟
هر فتويٰ تنهنجي آهي کوٽي،
آ تنهنجي منهنجي واٽ وِڇوٽي.

❁


www.sindhsalamat.com

# ٻاڙهن ٻيڙن جي ڌرتي

هيءَ ڌرتي ٻاڙهن ٻيڙن جي آ،
متان سمجهين ايرن سيرن جي آ.
هت طوفانن جي تيڪ وڏي،
پر مردانن جي ميڪَ وڏي،
هي تنهنجا تيرَ تہ ٿورا آهن،
هت سِينن جي آ ليڪَ وڏي،
تون ڪنهن تي ڪاٺئر ڀُليو آن؟
تون ارڏي ٻار سان اٽڪيو آن،
هيءَ ماءُ سنڌياڻي جي بہ ڄٽي،
سي ٻار ڇڏِن ٿا روهہ ڏُٽي،
هت پير نہ ٽڪندئي ٻارهيڙي،
هيءَ جوءَ نہ ڀِيرن ڪبرن جي،
هوءَ دور قطار جا قبرن جي آ،
سا دودي جهڙن همرن جي آ،
هيءَ ڌرتي ٻاڙهن ٻيڙن جي آ،
متان سمجهين ايرن سيرن جي آ.

❃





# گهوڙا ڙي او گهوڙا ڙي

گَٽڪَ وٺي تو گهوڙن جا،
هِت هنيا جي راتاها،
منهنجي قوم کي اِيذيو ءِ،
ايڏو تو هو هيِسايو جو
صدين تائين،
هت هزارين نسلن تائين،
”گهوڙا گهوڙا“ ريهہ پئي وئي،
”گهوڙا گهوڙا“ ڪِيهہ پئي وئي،
اڄ پڻ منهنجا مارُو جيڪر،
ڪو پڻ خطرو پائن ٿا،
وائي هيءُ ورنائن ٿا،
”گهوڙا ڙي او گهوڙا ڙي“،
سنڌياڻين جي سلوارن ۾،
ٻِليون تو وِجهرايون ٿي،
ڪيئي اوڇا ٻاٽ ڪپي،
منديون نيزي چاڙهيون ٿي،
هاڻ بلاول تلٽيءَ جي ۾
پٽ ڏٽي هن ڌرتيءَ جي،
پيهر آ تقدير لکي،
هاڻ جي ڪاٺئر ايندين تون،
”گهوڙا گهوڙا“ ڪين ڪا ٿيندي،
سِسِ نہ هوندئي ڌڙ متان ۾،
لڱ بہ ويندئي اَٽا اَٽا ٿي.

❃

## تيسين توکي ننڊ اچي وئي...!

تون جو سورج سان گڏ اُڀرئين،
سانجهيءَ کان اڳ ڪيئن سمهي پئين...؟
تو جي خواب سجايا تن لئہ،
ڏرتي صديون ٻاڪاريندي،
سَر تي صديون ٻاڪاريندي،
تو جا سنڌ ۾ سَئن هينئن سي،
سڏ اجا پيا اُڏرن اُڀَ ۾،
هيل تہ ساڻوڻ برسيو ناهي،
بادل ڪوئي گرجيو ناهي،
ڳِجَهہ اُڏن پيا لامارا ڏئي،
تيسين توکي ننڊ اچي وئي...؟
ڌرتيءَ دل ۾ هوشو ڌڙڪيو
دودي جو آ هاڻُ بہ تڙپيو
خون کِجيوءِ تند تپي پئي،
تيسين توکي ننڊ اچي وئي...؟
صديون تولئہ سنڌڙي هاٺي،
ٻاڪاريندي رهندي سانول،
لارون لاڙي چوندي رانول،
ڪين وجھڻ جي مند اچي وئي،
تيسين توکي ننڊ اچي وئي...؟

_ محترم بشير خان قريشيءَ جي نانءُ

❁





## آس ڪي ڪا اک ناهي

آس ڪي ڪا اک ناهي،
تانگھہ جو ڪو دنگ ناهي،
سار شعلو رَڪَ ناهي،
آس ڪي ڪا اک ناهي،
ماپ تنهنجيءَ کان مٿي،
اولڙا هي عشق جا،
جاڳ بنجن ٿا سَڪي،

رولڙا هي عشق جا،
آس نستي ڪين ٿي،
ديپ هي ٽمڪن پيا،
ساز کي ڪو سُک ناهي،
آس کي ڪا اک ناهي،
تون نہ ايندين او پرين،
پو بہ تنهنجي آس آ،
پنڌ ڪيڏو آ ڪٺن،
پيو تہ ڏاڍي پياس آ،
پو بہ ڪوئي ڏک ناهي،
آس کي ڪا اک ناهي،
ڪيئن واٽون جانچجن،
آس کي ڪا اک ناهي،
ڪيئن ڏسجن ڏوجهرا،
آس کي سا اک ناهي،
ڪيئن توڏي پهچجي،
اُڏي اچي پر پک ناهي،
آس کي ڪا اک ناهي.

❋


www.sindhsalamat.com



# نئون مسيحا

هي جو تنهنجو پيٽ وڏيو ءِ،
چيخن سان جنمين پئي جيون،
شايد ڪو انسان ڄڻين پئي،
يا ڪو نئون ڀڳوان ڄڻين پئي
سانوڻ رُت جي سانجهيءَ جهڙو
ڪومل ڪومل،
توکي هو ڀڳوان بڻايو
نرمل نرمل،
تنهنجي صورت پُوڄڻ لاءِ،
پنهنجي مورت پوڄڻ لاءِ،
ساڳيو سو ڀڳوان سمايو
منهنجي اندر،
منهنجي روپ ۾ توکي چاهيو
تون ئي مورت تون ئي مندر،
تون ئي تنهن ڀڳوان جو هان گهر،
تنهنجي من جي رس منجهاران،
پنهنجي چاهت چَس منجهاران،
ڪوئي نئون ڀڳوان ڄڙي پيو


www.sindhsalamat.com

تنهنجي اندر گل ٽِڙي پيو
اڄ تون تنهن کي جنمين پئي ۾،
نينهن ڏنو سودان ڄَڻين پئي،
شايد ڪو انسان ڄڻين پئي،
يا ڪو نئون پيگوان ڄَڻين پئي،
شيطانن جي شهر نگر ۾،
پيگوانن جو مِيت نہ ڪوئي،
حيوانن جي آکاڙي ۾،
انسانن جو مِيت نہ ڪوئي،
هي جو تنهنجي جيءُ منجهان آ،
جلوو اپريو
شايد جڳ جي چرخي کي آ،
ڦيرڻ سنپريو
تاريخن جي شيشن تي جا،
دز ڄَمي پئي،
شايد تنهن کي مهٽي مهٽي،
ڌوئڻ سنپريو
شايد هن کي سوليءَ تي لٽڪايو ويندو
شايد هن کي سرمد وانگي گهايو ويندو
پر هي دنيا بدلائيندو
جيءُ مان جيڪا جان ڄڻين پئي،
شايد ڪو انسان ڄڻين پئي،
يا ڪو نئون پيگوان ڄڻين پئي.

❋






# بغاوت

ايڏا تابعدار فرشتا...!
پوچو ڪئي انسان کي پيدا؟
ڄاتئي ٿي تہ بغاوت ٿيندي،
تنهنجي دنيا ائين نہ هلندي،
تنهنجي نافرماني ٿيندي،
پو بہ اسانکي اشرف ڪوٺيئي،
آزاديءَ جو شعور بہ لاتئي،
تنهنجا سارا پاڪ مَلائڪ،
تنهنجي خوب غلامي ڪن ٿا،
شعور فقط انسان ۾ آهي،
سي تہ بغاوت لاءِ اُٿن ٿا،
شايد توئي سوچي سمجهي،
اهڙي ذات عطا ڪئي آهي،
آزاديءَ جي گهورن کي ئي،
شعوري لات عطا ڪئي آهي،
شايد تون بيزار ٿيو آن،
راڳ غلامي آلاپڻ کان،
آزاديءَ لئہ جذبا ڄاڳن،
شايد تون ئي چاهين ٿوڙي،
تڏهن نافرمان هزارين،
انسانن کي ٿاهين ٿوڙي.

❋

# فتويٰ ٿو ڏيان ڦاسي ڏيوس

فتويٰ ٿو ڏيان ڦاسي ڏيوس،
چاڙهي نيزي ٽياس ٽنگيوس،
انسانيت جي توهين آهي،
محبت ڪنهن سان ڪونہ ڪئي ٿس.
جنميو آهي دنيا ۾ پر،
محبت ڪان بس وانجهيل آهي.
وارن جو جنهن واس نہ ورتو
سونهن کي سجدا ڪين ڪيا،
سوئي ڏَسَ تان ڀليل آهي،
چاهہ منجهان جنهن چس نہ ورتو
سوئي ڪافر مُشرڪ آهي.





سونهن حُسن جو مُجرم آهي،
ٻي ڪا خواهش ڪين ٻُڌوس،
فتويٰ ٿو ڏيان ڦاسي ڏيوس.
ڪنهن سان ڀي جنهن پيار نہ اوريو
واءُ اُتر تي چاهہ نہ چوريو
وينگس ڪنهن جا وار نہ چوڙيا،
چيڙن تي چپ ڪين پڪوڙيا،
گيتن جي گونجار نہ ڄاتي،
مڪليءَ جي ماٺار نہ ڄاتي،
ڪنهن جا ڳاڙها ڳل نہ چُميا،
مڌ منجهان ڪا سُرڪ نہ پيتي،
گُهنگهرن جي ڇنڪار ٻڌي جنهن،
پنهنجي منهن تي مُرڪ نہ پيتي،
تنهن جو جيئڻ ڪهڙي ڪم جو
ڪنهن جو ڀي سو ميت نہ ٿيندو
ڪنهن بہ ڪويءَ جو گيت نہ ٿيندو
ناتا رشتا سڀ ڇنوس،
فتويٰ ٿو ڏيان ڦاسي ڏيوس.
پيار جو ڪنهن سان پيچ نہ پاتئين،
پنهنجو پاڻ بہ ڪين سڃاتئين،
عشق لقاءُ کي سمجهيو ناهي،
محفل مان ئي دور ڌڪيوس،
فتويٰ ٿو ڏيان ڦاسي ڏيوس.

❁

## پِرھ کان پھرين

تاڪ لڳي ويا مسجد جا ۽،
مندر پي ڏس بند پيو آ،
مئي خاني ۾ اجان بہ جهڳمڳ،
ويل اويري جاڳ جَهٿيو آ.
آءُ تہ پيارا پرھ کان پھرين،
جامن ۾ ئي جند ڏريون ٿا،
پنهنجا معالج پاڻ ئي ٻڻجون،
پنهنجي ساپيان پاڻ ڪريون ٿا.
هُو جو لڙيو سج سويرو
ٻيھر ڀھڪي تجليون ڏيندو
دور پپر جي پاڇي پرسان،
اوٺ وٺي ڪو ڪيسين رهندو؟
آءُ تہ اوتيون پنهنجو پاٽان،
پيالي ۾ هن پھر پڄاٽان.
جيسين ٻيجل ٻيھر موٽي،
گيت نوان ڪي سرجي ساٽان،
مڏ ۾ وهنتل خوابن هاٽان،
آءُ تہ راٽا منهنجا راٽا،
مڏ سان بنجي مڏ وڃون ۽،
سرجيون ڪيئي گيت نواٽان.

❋


www.sindhsalamat.com



## هو جو منهنجو گيت مَري ويو

هو جو منهنجو گيت مري ويو
سرجڻ کان پي پھرين پھرين،
ڪنهن بہ پني تي اُترڻ کان پي پھرين پھرين،
نوڪ قلم مان نڪرڻ کان پي پھرين پھرين،
ذهن جي آڳر تي هو آيو
مون نہ تراشيو تنهن کي تيسين،
پڙڪڻ کان اڳ اُئين ٺري ويو
هو جو منهنجو گيت مري ويو.
اڻ لکيل تنهن گيت جو لاشو
ڪلهي کڻي مان بازارن ۾،
ڏاڍو پٽڪيو آهيان بيگاھ،
موهن جي هن آٿارن ۾،
ڪونہ ملي ٿو ڪفن انهيءَ لا،
مئل گيت جو ايڏو قد آ،
بت وزن ۾ ايڏو وڏ آ،
ماپي جو ڪو ڪفن ئي ڪونهي،
ڪيڏانهن روليان ڪيسين روليان؟
هن لاءِ جاءِ دفن ئي ڪونهي،
تاريخن ۾ تياڳڻ لاءِ،
ايندي ايندي نيٺ وري ويو
هو جو منهنجو گيت مري ويو.

❋


www.sindhsalamat.com

# آدم جو اولاد

چڪلي جي چئوديواريءَ ۾،
پونگيءَ ۾ پيئي بتي ٽمڪي،
جهيڻي جهيڻي روشن رُت ۾،
باک جيان پيو جسم جرڪي،
پاڇولا پيا لُڏڪن لَڙڪن،
رات ڊسمبر ڦُوھ سيارو
پوءِ بہ پسينو هِڙڪن سَهڪن.
هڪٻئي سان ائين چنبڙي پيا هن،
ڄڻ تہ صدين جي پيادي پنڌ ۾،
مس مس پاڻيءَ بوند ملي ٿن.
ايڏي اُڄ ازل کان آهي،
انسانن جي جوڀن ۾ ڪا،
پاپ گناھ جي فتوي جاڻن،
پوءِ پيي من جو بار چنڊڻ لئہ،
هڪٻئي کي ٿا تن تي تاڻِن.
فطرت جي هن فلسفي تي،
فتوائون تون ڪيسين ڏيندين. . . ؟
جبلتن جي جذبي آڏو
ڪيسين تون ديوار اڏيندين ... ؟
مُراقبي سان پنهنجي من جو
اڇوا جرو ساڏ ڏسي وٺ،
چڪلي جي چؤ ديواريءَ ۾،
آدم جو اولاد ڏسي وٺ.



ڏيمي وَهِڪ درياء جي - مشتاق سعيد

# بقاءِ فَنا

ٻُڏو ٿَئون تہ ڏاڍو
آ انصاف ڏيندو
اڏو اڏ ڪري سڀ،
پلاءِ بُرا ڪم،
سيئي حق، ناحق،
هُو توري تڪي ءِ،
سزائون جزائون،
سيئي صاف ڏيندو
ٻڏو ٿئون تہ ڏاڍو
آ انصاف ڏيندو.
پڇايوس نياپو
اسان کي بہ گهرجي،
برابر نياءُ ٿو
ڪري فيصلو جو
نہ فاني اسان ءِ،
نہ باقي هو پاڻ،
بقا ڏي اسان کي،
فنائي ڪٽي هو
تڏهن چئون برابر،
آ انصاف ڏيندو
چا اهڙو سخي پيي،
هو ڪنهن ڏينهن ٿيندو.. ؟

❋

# غربت جو گيت

لڳ وڍيندڙ سيءَ ۾ ڏڪندي،
برف ڳڙي جيان پاڻ ٺري پئي،
رات ڪِريو جو پارو تنهن ۾،
هارياڻي هوءَ نيٺ مري وئي.
آرڻ ۾ هڪ پُونگي ناهي،
گدرن ول ۾ رهندي هئي جا،
ڦوهه جواني ڦٽڪا کائي،
جنهن مان بنجي باک ڦُٽي ٿي،
ليليا، نوري، سسئي، سهڻي،
مارئيءَ جي جڻ ساک لڳي ٿي.
پن چڻ وانگي جيون جي وڻ تاريءَ تان هوءَ،
ڇڻجي چِتجي هيٺ ڪري پئي،
رات ڪريو جو پارو تنهن ۾،
هارياڻي هوءَ نيٺ مري وئي.
وِيهه ورهيه ٿيا ويرهه ڪندي پر،





قرض مٿان پئي قرض چڙهيو ٿي،
خاوند هُن جو رئيس وڏي جي،
ونگارن ۾ روز وَنگيو ٿي.
ٽڪو پئسو ڪونه بچيو جو
سرديءَ ۾ ڪا چادر وٺجي،
واءُ اُتر جي وَڍَ وڍا ٿي،
جوڀن سان ڀرپور بدن ۾،
اوڍڻ خاطر لِيڙَ نه اڳڙي،
سوچيائين پئي پنهنجي من ۾،
سامهون هئي جا رئيس وڏي جي،
اوچي اوچي لال حويلي،
سوچيائين ڳَرَ هلي وڃان مان،
سيءَ بچاءُ لئه هُتِ اڪيلي،
رئيس جو ڪوئي منشي نوڪر،
لج لُٽي ڪر پل لٽي،
پر سيءُ مان ٿوري جند ڇُٽي،
تنهن پل غيرت جاڳي پئي،
۽ هارياڻيءَ جي هوڙ وڏي،
هوءَ پونگيءَ پر مان ڪين ڇُري،
۽ ڏڪندي ڏڪندي باک ڦٽيءَ جو
ڀُرٽي پِٽ جيان پاڻ ڀُري پئي،
رات ڪريو جو پارو تنهن ۾،
هارياڻي هُوءَ نيٺ مري وئي.

*

## لاهياري او لاهياري

لاهياري او لاهياري تون،
ڏانتي سان جو ايئن جُهڪين ٿي،
تنهنجون اپريل چاتيون ڇُلڪن،
منهنجي من جي مت ڪسين ٿي.
ڪيڏي تو ۾ ڇڪ رکي آ،
توکي ٺاهڻ واري مالڪ،
تون تہ صدين جي گونجارن جو
سوپيا ٻٽيل گيت لڳين ٿي،
نيڻ ڪٽورا جيئن ڪٽين ٿي،
مونکي پاءِ جُوهہ ڏسين ٿي.
مڪليءَ جي ماٿارن وانگي،
نيل گگن جي تارن وانگي،





دل تي پنهنجي ڏاڪ رکين ٿي.
نيڻ اٿئي جي زهر ڪٽورا،
تن مان ٿورو اوتي ڏيندينءُ،
پوءِ پيي مان سقراط نہ ٿيندس.
تنهجي سونهن تہ مرڻي ناهي ،
صدين تائين رهڻي آهي،
گيت ڪويءَ جو بنجي ڪوئي،
واپس ور ور ورڻي آهي.
پر او سنڌ جي سهڻي ناري،
ڄاڻين ٿي تون تنهجي سونهن جو
ويري آخر ڪير آ بنيو. . .؟
ڪارو ڪوجهو پير، وڏيرو
ڪاري توکي ڄاڻائيندو
پاءُ هٿان ئي ڪُهرائيندو
يا تہ "ڇَٽِيءَ" ۾ توکي زوريءَ،
ڪمدارن سان پرڻائيندو
تنهجو داد نہ ڪوئي ٿيندو
جوين تنهجو ڏنڀ جهليندو
اهڙي آهي ڌرتي تنهجي،
لاهياري او لاهياري ڏس،
ڪهڙي آهي ڌرتي تنهنجي... !

❃

# ڇا ڏات اجهامي ويندي آ؟

جنهن پل ڪاري رات ڪُتي ۾،
پرهه سندي پريات ڦٽي،
ڪوئل جي ڇا لات اجهامي ويندي آ ؟
شاعر تہ بنجي خاڪ آ ويندو
ڏات اجهامي ويندي آ ڇا؟
انڌڪاري جي اوٽ وٺي،
جي جُگنا جهرمر جرڪن ٿا،
تاڙي جي بہ تنوار اچي،
ڄهنج تلاءَ ۾ ڪرڪن ٿا،
سا بات اجهامي ويندي آ.. ؟
ڇا ڏات اجهامي ويندي آ ؟
مٽيءَ مان جو ماڻهو مهڪيو
جيون سان هت ٿِليو ٿهڪيو
هڻڪيو سهڪيو
پوءِ ڀي تنهن آ هر پل مرڪيو
تاريخن جا ٿَرَ اُڌوڙي،
تنهن آ جيڪو گيت ٿي سرجيو
هوندي سا گونجا ر هميشہ
شمع ٻرندي، ٻرندي آخر،
ڪا تہ اجهامي ويندي آ،
ڇا ڏات اجهامي ويندي آ..؟

❋





# مونکي ڇو نہ سڃاڻين ٿو

مونکي ڇو نہ سڃاڻين ٿواچ . . . ؟
ڄاڻين ٿومان آهيان ڪير.
گهاٽي ۾ تو پيڙايو هو
ماس هڏن تان ڪپرايو هو
سوليءَ تي تو مونکي چاڙهيو
هڏ ڪتيا ۾ چم چٽاڙيو
گهوري تڪي تاڻين ٿواچ،
مونکي ڇو نہ سڃاڻين ٿواچ . . . ؟
تنهنجي ٻولي ڪونہ پڙهي مون،

ڄپ منهنجي ڪٿرائي تو هئي،
جنهن جي زوري لڄ لُٽي تو
سا بہ تہ ڄائي منهنجي ئي هئي.
جيڪي کيت اجاڙيا ها تو
پگهر سان مون پوکيا ها سي،
جيڪي خنجر گهاڙيا ها تو
ڇاتيءَ سان سي روڪيا ها مون،
ڪُتا ٻَڇيا ڪڙمين کي تو
گيت صدين جا ڳاتا ها مون،
تنهنجو منهنجو وير ازل کان،
ڌرتيءَ تي انڌير ازل کان،
پيهر آئون موٽيو آهيان،
موت مُئي کي مات ڏئي ۽،
توسان جنگ ۾ جوٽيو آهيان،
تون پي لشڪر آڻين تو ۽،
مونکي ڇو نہ سڃاڻين تواچ . . . ؟

❋





# سِبيل چپن جو سڏ

هر هر ڪيڏو ساهہ مُنجهي ٿو،
چوڌاري ٿس جڻ ڪو ڪوٽ،
سورنهن سالہ ڪنواري ناري،
پنجاهہ سالہ پوڙهو گهوٽ.
جذبن ۾ جا باهہ لڳي سا،
پنيٿ ٻٽجي پڙڪي پئي آ،
هلڪيون هلڪيون آهون دانهون،
سُڏڪي سُڏڪي رات ڪٽي آ،
جيون ٿي پيو زهر نسورو
جلد گُهري ٿي هاٽي موت،
سورنهن سالہ ڪنواري ناري،
پنجاهہ سالہ پوڙهو گهوٽ.
نياڻيءَ جا جڻ سبيل چپڙا،
ڪين ڪڍي ڪي ٻڙڪون ٻاهر،
پوڙهي پيئر پاڻ جيڏي کي،
سڱ ڏنو آ پئسن خاطر،
لالچ لاءِ رت جي رشتن،
۾ ڏس آهي ڪيڏي کوٽ،
سورنهن سالہ ڪنواري ناري،
پنجاهہ سالہ پوڙهو گهوٽ.

❋

## ڪڏهن ايندينءَ؟

مڪليءَ جي اوپر ڪنڌيءَ تي،
ماتا شنگهہ پواني مندر،
۾ آديپ اجهاڻو آتو.
چنڊ جي هن چانڊاڻ چِٽيءَ تي،
ٿوهر ڪوئي گيت آ ڳاتو.
ڪڏهن ايندينءَ.. ڪڏهن ايندينءَ؟
تولئہ ديپ اجهاڻو آتو.
پنهنجي ڪومل ڪومل هٿ سان،
ديپ جلائي ڪڏهن ويندينءَ؟





ڪڏهن ايندينءَ .. ڪڏهن ايندينءَ؟
تولئہ ديپ اجهاڻو آتو.
ماتا جي هن مندر ۾ جي،
تون جو ناهين سج لڳي ٿي،
مندر پرسان ٽڪريءَ تي جي،
ٿوهر بيٺل ڳاٺ اوچي سان،
تن کي تنهنجي سڪ لڳي ٿي.
تون او "جنتا" تون او "ڪومل"،
تون او "برکا" تون او "ڪونپل"
توبن هي سڀ ديپ اجهاڻا،
توبن ٿوهر پيي ويڳاڻا.
سڪ ۾ آتي سانجهي آهي،
آتي مڪلي آتا ٿوهر،
مڪليءَ جي اوپر ڪنڌيءَ تي،
ماتا شنگهہ پواني مندر.
ڪجلي اکڙين سان اوتي تون،
ڏيئن ۾ جو ڏات پريندينءَ،
ڪڏهن ايندينءَ.. ڪڏهن ايندينءَ؟
مڪليءَ جي اوپر ڪنڌيءَ تي،
ماتا شنگهہ پواني مندر،
ڪڏهن ايندينءَ . ڪڏهن ايندينءَ؟

❃

## سچ جو آواز

ڪالهه ڏٺو مون قيد دريءَ مان،
سامهون ”ڏاڍو“ بيٺو هو.
دهشت پريون لال اکيون ۾،
لَٺ لُوَاڙيو بيٺو هو.
سيخن مان مون سڏ ڪيو اچ،
مونکي هڪڙي ڳالهه ٻڌائي،
”ڏاڍا“ تنهنجي لٺ ٻڌو ٿم،
ٻن مٿن سان هوندي آهي،





ڇا هي سچ آ؟ ڇا هي سچ آ؟
”ڏاڍي“ هڪڙو ٽهڪ ڏنو ۽
هيبت سان هي جواب ڏنائين،
هر زمانو منهنجي تابع،
منهنجي رعب ۽ منهنجي دابي،
هيٺن کي هبڪايو آهي،
باغين کي لٽڪايو آهي،
اڄ تون آهين قيدي شاعر،
توکي پڻ لٽڪايو ويندو
منهنجي لٺ سان توکي ڇتري،
نيزي تي ٽنگرايو ويندو.
”ڏاڍو“ آهيان منهنجي لٺ پڻ،
ٻن مٿن سان هوندي آهي،
ها هي سچ آ.. ها هي سچ آ..
مرڪ پساري کيس چيو مون،
”ڏاڍا“ تنهنجي لٺ ٻڌائي،
گيتن کي ڇا ڳهائي سگهي آ؟
جذبن کي مارائي سگهي آ؟
باک پنل جي سپنا جاڳن،
تن کي لٺ مِٽائي سگهي آ؟
هي پڻ سچ آ.. هي پڻ سچ آ..
سچ کي ڪين ڪهائي سگهي آ،
هي پڻ سچ آ.. هي پڻ سچ آ..

*

## مُجري ڪانپوءِ

مُجري ڪانپوءِ سوچان ٿو مان،
نچڻيءَ ڪهڙو گيت هو ڳايو...؟
مون نہ انهيءَ جا ٻول ٻُڌا ۽،
ڇيرن ۾ جو ساز هيو
اُن تي منهنجو راز هيو،
پيرن جي جا پهل پَٽن تي،
مون لئہ چڻ هو لوڻ ڦٽن تي،
صدين کان ڇنڪار اهائي،
گونجي منهجي من مندر ۾،
رات انهيءَ کان سرس سوائي،
ڇمڪي منهنجي ڇير اندر ۾،
گهورَ وجان تنهن گهنگهروءَ تان جنهن،
منهنجي من ۾ رَس رچايو،
مجري ڪانپوءِ سوچيان ٿو مان،
نچڻيءَ ڪهڙو گيت هو ڳايو؟

❋





## ماريل ڪونج جو مرثيو

هوءَ جا،
هڪڙي ڪونج مري پئي،
تنهن تي سارو ڏينهن اُتي ئي،
سيني ڪونجن ڦيرا پاتا،
وڳ سڄي پي نوحا ڳاتا.
مارِيءَ هٿ ۾ ڪانِ ڪنيل هو
ترس نہ تنهن کي مُورِ پيو ڪو
ڪونج سراپا سونهن لڳي ٿي،
راحت روح ورونهن لڳي ٿي،
ان جو ڪنهن سان وير نہ ڪوئي،
دل ۾ ڪنهن لئہ مير نہ ڪوئي،
لات لنوي ڪا بات ڪيائين،
نينهن جو نغمو آلاپيائين،
ماريءَ کي سو گيت ڏنگي ويو
ڳست منجهان جو ڪانِ هنيائين،
ڪونج ويچاري،
ڪرڪي ڪرڪي،
نيل گگن تان هيٺ ڪِرِي پئي،
سُر آلاپي ساهہ ڏنائين،
هوءَ جا هڪڙي ڪونج مري پئي،
تنهن تي سارو ڏينهن اُتي ئي،
سيني ڪونجن ڦيرا پاتا،
وڳ سڄي پئي نوحا ڳاتا.

## چڙهندڙ سج جا پوڄاري _ 1

تون نڪ ڪپائي ويٺو آهين،
هر بازي تنهنجي آهي پاري،
پيو جانچين ٿو آ ڪنهن جي واري،
هر چڙهندڙ سج جا او پوڄاري،
تو ڇا نہ وڪيو ڇا ڇا نہ وڪيو آ،
تو شعور وڪيو ايمان وڪيو آ،
تو گيت وڪيا، آواز وڪيا هِن،
جي روح کي ريپي ريجهائين ٿا،
تو اهڙا سارا ساز وڪيا هِن،
تو ڌرتيءَ جا ۽ ڌرتيءَ وارن،
تو پيارن پيارن سادن ماڻهن،
جي روح جا سارا راز وڪيا هِن،
تون مند مطابق مٽجي ويندين،
هر سال نئون تون روپ ڏيکيندين،
تون واعدا پنهنجا وڪڻين پيو ٿو
تون ساک وفا ۽ ساچاھ ساري،
۽ جذبا پنهنجا وڪڻين پيو ٿو
جو سج نئون ٿو اُڀري تيڏانهن،
تون جهٽ ۾ پڙکي پڙکو ڏيندين،
جو سج لهي ٿو ويرانين ۾،
تون تنهن کي پويان پُونبو ڏيندين،
تون خالي کوھ ۽ تتل واري،
ڪا توڏانهن ايندي ڪيئن اُجاري،
هر چڙهندڙ سج جا او پوڄاري،


www.sindhsalamat.com



## چڙهندڙ سج جا پوڄاري _ 2

تون نڪ ڪپائي ويٺو آهين،
هر بازي تنهجي آهي پاري،
پيو جانچين ٿو آ ڪنهن جي واري،
هر چڙهندڙ سج جا او پوڄاري،
تو دين وڪيو ايمان وڪيو،
تو رهبر جو فرمان وڪيو،
تو ساز وڪيا آواز وڪيا،
تو انساني انداز وڪيا،
تو نينهن نڪورا ناز وڪيا،
تو دل جا پويتر راز وڪيا،
تو پنهنجو شان ۽ مان وڪيو،
تو مطلب خاطر ڇا نہ وڪيو؟
تو پاتي آهي غلاميءَ جي،
هي چادر دانگيءَ جهڙي ڪاري،


www.sindhsalamat.com

هر چڙهندڙ سج جا او پوڄاري،
تون غيرت جي للڪار ٻڏي،
ڏس ڪنڌ جهڪائي ڇو آڇڏيو؟
تو قوم ڪُٺي آ قَسمنِ تي،
تو قوم جو سودو ڪيئن ڪيو؟
تو آهي لڄايو دودي کي،
تون ڀاءُ چنيسر جهڙو آن،
جيئن ٻگهہِ قلوڙهي ڊوند ڏَهو
تون ٻگهہ ۽ ڳجهن جهڙو آن،
تاريخ تي داغن جهڙو آن،
تون نر نڪوئي آهين ناري،
هر چڙهندڙ سج جا او پوڄاري،
تون آزاديءَ جو دشمن آن،
تو پاڻ غلامي آهي قبولي،
تو لاءِ ٻڏڻ ئي بهتر آ،
دودن جي لئہ آهي سُولي،
تون ڪيئن تہ چاٽين جذبن کي؟
تون محبت تي پيو آهين ٺٺولي،
آ بهتر تون هيءَ جوءِ ڇڏي وڃ،
منهنجي پويتر ڀونءِ ڇڏي وڃ،
تاريخ بہ توکي ٺڪيندي،
تو پِرِ اهيا جي آهي پاري،
هر چڙهندڙ سج جا او پوڄاري،

❃


www.sindhsalamat.com



# پير گهٽا جي گهورن جا

پير گهٽا جي گهورَن جا هي،
چانڊوڪيءَ جي چورن جا هي،
ڪيسيتائين وڙول ڪندين تون؟
چوڏاري چوپول ڪندين تون؟
پير تہ ڌرتيءَ ڏِگ تان نڪتا،
پير افق جي اِڳتان نڪتا،
پير سنڌوءَ جي رکوالن جا،
آزاديءَ جي متوالن جا.
جڻ تہ چڪور تي اڏريا آهن،
نينهن نئين سان نبريا آهن،
ڪيسين پيرا ڳوليندين تون؟
ڪيسين خود کي روليندين تون؟
سانجهہ لڙيءَ جو هنج اڏاٽا،
تن جا لهندين ڪٿ نڪاٽا ؟
گيتن ۾ ئي ڳولي وٺ جان،
ساوڻ رُت سان جرڪيا جي تِن،
ڪيتن ۾ ئي ڳولي وٺ جان.
ٿر جي دل ۾ دڙڪن ٿا جي،
پير اٿئي تن مورَن جا هي،
پير گهٽا جي گهورَن جا هي،
چانڊوڪيءَ جي چورن جا هي.

❃


www.sindhsalamat.com

## چنڊ کان تنهنجا ڏَس پڇان ٿو

هر رات بدن ۾ باھ لڳي ٿي،
جڻ ڪي ڪُورا پڙڪن ٿا ايئن،
تازي پرٽيل ڪنوار جي تن ۾،
پهرين رات جو آس تپي جيئن .
تون دور هلي وئي آهين جانان،
چنڊ کان تنهنجا ڏَس پڇان ٿو،
ڪوري وانگي ڪامان پيو ٿو،
پنهنجي من ۾ پاڻ لڇان ٿو.



ڏيمي وَهِڪ درياء جي - مشتاق سعيد

تنهجي تن جون گرميون، شوخيون،
روح جي گهراين ۾ آهن،
اڄ ٻيي سي پل گهايل ڪن ٿا،
يادن جي آئيني ۾ جي،
ور ور ڏيئي روز ورن ٿا.
جيڪي توسان گهاريا ها مون،
چنڊ جي چوڏهين رات هئي ۽،
تنهنجي ڳل تي باک ڦٽي هئي.
منهنجي من جو مِينهن وسيو هو،
تنهنجِي آڱر آلي ٿي هئي.
منهنجي ڪوري ڪاغذ جهڙي،
خالي خالي جيون تي،
سي پل ٿي تاريخ ويا هِن،
اونداهيءَ ۾ تنهائيءَ جي،
گهَرِي بنجي چيخ ويا هِن،
تو بن جانان ائين ٿو ڀانيان،
تتل واريءَ تي هان ليٿيل،
چڳ هٿائي چپ چمڻ لئہ،
من پڪيئڙو آهي اجايل،
واءُ اُتر جو جيئن گهلي ٿو،
تنهن جي سُر سان مان ٻہ رچان ٿو،
تون دور هلي وئي آهين جانان،
چنڊ کان تنهنجا ڏَس پڇان ٿو.

❃

سنڌ سلامت

## محفل ۾

منهنجي ننڍڙي محفل ۾ ڪي،
پيارا ماڻهو ايندا آهن،
ڪن سان پوڳ مذاقون چرچا،
ڪن سان جهيڙا ٿيندا آهن،
رنج اسانجو منٿ ۾ ٿي آ،
پيهر پرچي ويندا آهيون،
ساڳيو قرب ونديندا آهيون،
ڳالهيون ڪونہ ڳنديندا آهيون.

❋





سنڌ سلامت

## هوءَ مهاڻي ساماڻي جا

چنڊ چڙهيو آ سنڌوءَ تي،
مِئِي ۾ مڪڙي سِيرَ منجهان،
ڪپ ڏي موتي هاڻ اچي پئي،
ڪيڏي هوءَ تہ اُڪير منجهان.
هوءَ جا مهاڻي ساماڻي آ،
چڻ تہ وطن جي راڻي آ،
رات انڌاري ۾ جو اُٿي ٿي،
ڳل تان وارن چڳ هٽائي،

چڙ ڪا ساجهر باک ڦُٽي ٿي،
ڪِڪَ جو ڪاريون ڪيس مٿي تي،
هر هڪ انگ مان نينهن چنبڙي ٿي.
هن جو جوڀن جر تي جلوو
چنڊ جيان هوءَ چمڪا ڏيئي ٿي.
هن جو ڪو ميهار نہ آهي،
جنهن لئہ درياهہ پار ڪري،
هن جي جيون جي چادر تي،
ٽِڪَ نہ ڪائي ٽاڪيل آهي،
سپنن سان جو چار اُٽي ٿي،
تنهن تي پنهنجا نير سُبي ٿي،
نور نچوئي ننڊ ڦٽائي،
اوجاڳن ۾ رات ڪٽي ٿي.
هوءِ صدين کان جاڳيل آهي،
سنڌوءَ جي جا سِيرَ ڳچي ٿي.
درياهہ جي دهشت ۾ ڪڙڪا،
لهرن جا سپ سُر ٻڌي ٿي،
جيون جوڀن پاڻ نپوڙي،
درياهہ کي جو دانِ ڏيئي ٿي.
ان پسيني جي خوشبوء پي،
صدين تائين رهٽي آهي،
سنڌوءَ جي هن سِيرَ مٿان سا،
چولين سان گڏ ڇُلٽي آهي.

❁





# ضمير مونکي چوي ٿو شاعر

وڏي حويلي وڏيون ديوارون وڏي ڪا نياڻي اجان روئي پئي،
صدين کان آ قيد ۾ ئي جمي ساماڻي اجان روئي پئي،
قرآن سان پئي لهي ٿي لائون انهيءَ جون آهون خدا ٻُڌين پيو ؟
ضمير مونکي چوي ٿو شاعر اُٿي لکي وٺ اجان ڏسين پيو.

پَرائي ٽڙ تي پرايون مايون اڙي ڇڇورا تڪين پيو ٿو
جي پيڙ پنهنجيءَ جو مائٽ ڪنهن سان کلي ڳالهائڻ ٻڏي وٺين ٿو
چوين ٿو ڪاري آ پيڙ منهجي هٿن سان تنهن جو ڳلو ڪپين پيو
ضمير مونکي چوي ٿو شاعر اُٿي لکي وٺ اجان ڏسين پيو.

ٻڌي جي اُس ۾ ٻني پنهنجيءَ تان، هٽي ڪوڏارون ٿڪي وريو آ،
ٻخار ۾ ٿس معصوم پٽڙو، وڏيري هُن کي وري ڇيو آ،
تہ قرض عيوض ڏي ڇوڪري تون، نہ تون جي پئسا ڏئي سگهين ٿو
ضمير مونکي چوي ٿو شاعر اُٿي لکي وٺ اجان ڏسين پيو.

شهيد جنگ ۾ سپاهي ٿي ويو، وني انهيءَ جي هنجون ٿي هاري،
ٻہ ٿي ڏهاڙا وڏيون انعامون، ٻچا ٻہ هاٽي ٻني ٿي پاري،
ڏسين پيو جيجل صدا هٽي پئي، اجان ٻہ مؤرخ ننڊون ڪرين پيو
ضمير مونکي چوي ٿو شاعر اُٿي لکي وٺ اجان ڏسين پيو.

ڪٽي بندوقون هو ڌاريا ڏس، تہ سنڌ کي ڪيئن ڦُرڻ ٿا چاهين،
پليد پيرا رکي هتي هو تہ عصمتون سپ لُٽڻ ٿا چاهين،
نہ ماءُ ڌرتيءَ جي ياد ڪائي، تون يار تي ئي اجان لکين پيو
ضمير مونکي چوي ٿو شاعر اُٿي لکي وٺ اجان ڏسين پيو.

# سِڪ جو سنگيت

اهڙا سنڌ سيارا تون نہ ڪڏهن سنيرين !
رڦٽي رڦٽي سرد هوا ۾،
هي جي پارا تون نہ ڪڏهن سنيرين !
هوءَ جا سرتي ساهڙ جي لئہ،
وار وچايو ويٺي آهي.
اُبَ ۾ تارا تمڪن ٿا هوءَ
ڪنڌ لمايو ويٺي آهي.
رات انڌيري من ۾ ماتم،
ديپ جلايو ويٺي آهي،
سرديءَ کان بي پرواھ سرتي،
آس لڳايو ويٺي آهي،
اکڙين ۾ جا آڳ اُماڙي،
من گرمايو ويٺي آهي،
تنهن جو جوين اٿين ٿو پڙڪي،
سرد هوا پي ان کان ٿڙڪي،
جذبن جيڪا تات ڏني آ،
سرديءَ کي اُن مات ڏني آ.
هن جي من جي مسجد مندر،
ساهڙ جي لئہ سجدو ڪن ٿا،
هن جي من ۾ اُڃ پِيا جي،
سرديءَ جي ٿس سار نہ ڪائي،
هن جي سڪ سنگيت بڻي آ.
تنبوري جي تار نہ ڪائي.





# خدا جي ڳولا....

يا رب !
تون زمين ۽ آسمانن جو نور آهين،
هي تنهنجي خلقيل مخلوق،
تنهنجي ڏسيل ڏس تان پلجي ويئي آهي،
هي ماڻهو ڪيڙن ۽ ماڪوڙن جيئن،
پٽڪي رهيا آهن.
هنن توکي گهڻوئي ڳوليو آهي،
پر ڪٿي تون نظر نٿو اچين ....... !
هنن اوچيون اوچيون مسجدون ٺاهيون آهن،
مندر ۽ گرجا گهر اڏيا آهن،
هو ڪليسا تان بيهي توکي ڏسڻ جي ڪوشش ٿا ڪن !
تون هنن جي اندر ۾ لڪيل ڪرپ ڪي ڇاڻين ٿو

هي پنهنجي مفاد جا قانون ٻہ،
تنهنجي نالي تي مڙهڻ چاهين ٿا.
هنن جي من ۾ اُهي سڀ جبلتون آهن،
جيڪي ڪنهن چير ڦاڙ ڪندڙ جانور ۾ آهن !
تون هنن کي واٽ ڏَس،
تون هنن جي شعور کي سرشار ڪر،
جو هي اکيون ہوتي ٻہ توکي پسي سگهن،
۽ ائين ماٺا ٿي وڃن،
جيئن گجندڙ درياهہ سمنڊ ۾ سمائجي،
ماٺو ٿي ويندو آهي.
يارب !
مونکي پڪ آهي تہ هي جڏهن توکي پسي وٺندا تہ،
ماٺا ٿي ويندا، پُرسڪون ٿي ويندا،
هنن جون هڪٻئي تي کڄندڙ تراريون ڪِري پونديون،
۽ منهن مونن ۾ هٽي ويهي رهندا،
هي توکي ايئن پيا ڀَولين،
جيئن،
ڪو انسان پنهنجي دل ۾ گڙدن کي دنيا ۾ ڀولڻ لڳي،
کيس خبر نہ هجي تہ پنهنجو اندر چيرڻ سان ئي،
پنهنجي دل ۾ گڙدا پسي سگهجن ٿا ............... !

❁





# گُناهہ ...

اسان کي ننڍپڻ کان ئي ٻڌايو ويو آهي تہ،
عورت کي ڇهڻ وڏو گناهہ آهي.
ڪنهن عورت کي ڏسڻ بہ ڏوهہ آهي،
ڪنهن حسين حور جهڙي،
راڻيءَ جي رسيلي بدن مان
جوڀن جي موج ماڻڻ تہ،
ناقابل معافي پاپ آهي.
تہ پوءِ،
اهيو ڪيئن ٿيو جو...... ؟
مولويءَ جا ٻہ لفظ پڙهڻ کانپوءِ،
ان عورت سان سمهڻ،
سندس بدن جي انگ انگ مان مزا ماڻڻ،
جائز ٿي پيو آهي ...؟
ذهن سوچي ٿو تہ،
هر ڪبيري گناهہ ڪرڻ کان اڳ،
مولوي کان ٻہ لفظ پڙهايون تہ پوءِ،
اهيو جائز ٿيڻ کپي ... !
مان شراب جي بوتل کي،
مولوي ڏانهن کڻي وڃان ٿو،
ٻہ لفظ پڙهائي پي ڇڏيندس،
يقينن پوءِ مونکي ڪو بہ نہ چوندو تہ،
شراب حرام آهي .....

❁

# محبتن جي اٽاس

محبت،
هڪ ڪائناتي حقيقت آهي،
محبت اها ٻولي آهي جنهن کي،
جانور بہ سمجهن ٿا.
محبت،
جنهن جا ڪي بہ اصول ناهن هوندا،
ڪي بہ سرحدون ناهن هونديون،
محبت جا ڪي بہ قانون،
پابنديون ۽ تهذيبون ناهن هونديون.
محبت تہ قانونن، مذهبن ۽
سرحدن توڙي تهذيبن کان بالاتر هوندي آهي.
پر،
افسوس جو انسان پاڻ،
تهذيبن ۽ اصولن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئڻ ڪري،
محبت کان وانجهيل آهي.
انسانن،
محبت کي بہ ائين قيد ڪرڻ چاهيو آهي،
جيئن پاڻ کي اخلاق ۽ تهذيبن ۾ جڪڙي رکيو آهي.
ان ڪري محبت،
انسانن جي اندر مان ائين تڙجي ويئي آهي،
جيئن آدم کي،
جنت مان تڙيو ويو هيو.

❋





# شعور ۽ فطرت

صدين جي تاريخ شاهد آ.
تہ فطرت جا رُخ ڪو بہ موڙي ناهي سگهيو
نڪوئي فطرت کي واڳ وجهي سگهيو آ.
فطرت هڪ بي پناه قوت آهي،
جنهن تي غالب اچڻ ناممڪن آهي.
هزارين سالن جي انساني تاريخ ۾،
شعور جي ارتقا جا باب کولي ڏسو
ملان، ڏاها، استاد، بزرگ ۽،
سيئي معتبر ماڻهو
ازل کان جنس جا دشمن بڻيل آهن.
پر،
ڇا اهي روڪي سگهيا آهن؟
جو مٿن جواني نہ اچي،
سندن اولادن ۽ شاگردن کي،

جنس جي قوت ۽ جذبي کان روڪي سگهيا آهن ؟
هر نينگري جوان ٿئي ٿي،
هر نينگر جوڀن سان سرشار ٿئي ٿو
۽ بنا ڪنهن روايتي ناتي ۽ رشتي جي،
هو آلاپين ٿا،
”مان تنهنجو هان، مان تنهنجي هان“
ڇا مولوي جي اجازت ڪانسواءِ،
سندن سرير ۾ جنس جو جذبو نٿو جاڳي ؟
ڇا هو مائٽن، استادن ۽ بزرگن جي،
اجازت ڪانسواءِ،
جيون جي جنسي پُر لُطف لمحن سان سرشار نٿا ٿين ؟
ڇئو تہ فطرت سڀ رڪاوٽون ٽوڙي ٿي ڇڏي،
ڇئو تہ،
ڪا بہ فتويٰ فطرت جو رستو نہ روڪي سگهي آهي،
اهي معتبر ماڻهو
صدين کان انسان کي پنهنجي ئي وجود خلاف،
پنهنجي جيون جي جبلتن خلاف،
ويڙهہ جي ترغيب ڏيئي رهيا آهن.
پر فطرت انهن اصولن کان مٿاهين آهي،
۽ انساني جيون ۾ موجود فطري رُخ،
ضرور ڪَر موڙي جاڳن ٿا،
۽ انساني اصولن ۽ تهذيبن کي،
ڇڪنا چور ڪندا رهن ٿا.

❋





## چنڊ

اي چنڊ،
ڪير جهڙا اچا چنڊ،
چاندي جهڙا چمڪندڙ
۽ سنڌوءَ جي سفيد واريءَ جيان،
تجلا ڏيندڙ چنڊ،
تون ڪيڏو نہ اڇو آهين،
تون ڪيڏو نہ سهڻو آهين ۽ سندر آهين !
آئون ازل کان،
صدين کان،
هن مايوسين جي ڌرتيءَ تان،
توکي تڪيندو رهيو آهيان،
هن ظلم ۽ ستم جي نگريءَ مان جهاتيون پائي،
تنهجي اجاڻ ۽ سندرتا کي حسرت مان،
ڏسندو رهيو آهيان.

تون مونکي نهايت ئي وڻندڙ ۽ دلڪش لڳندو آهين،
تون حُسن جو مينار آهين.
پر ..... !
چون ٿا تہ تون ڪارو آهين،
ڪوجهو ۽ بدصورت آهين،
تنهنجي سيني تي ڪڏا ۽ بدشڪلا، پٿر ئي آهن،
۽ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ... !
تون ويجهي کان نهايت ئي بدصورت لڳندو آهين.
پر..... !
اهيو سڀ ڪجهہ اهي انسان ٿا چون،
جيڪي خلائي جهازن ۾ چڙهي تو تائين پهتا آهن،
جن تنهجي حُسن تي ڪاهہ ڪئي آهي،
جن تنهجي سونهن ۽ اجاڻ تي،
قبضو ڪرڻ ٿي چاهيو.
پر . . . . . .!
مون هميشہ توکي،
هن ڌرتيءَ تان ٻيني ڏور کان ڏٺو آهي،
وڇوڙي جي ويرانين مان ڏٺو آهي،
جدائيءَ جي حدن مان ٻيهي،
حسرت ڀرين نگاهن سان ڏٺو آهي،
سنگدل انسانن جي وچ مان،
رات آڌيءَ جو گهر جي ڇت تان،
جاڳندي ڏٺو آهي،
مون چڪور جيان توکي چاهيو آهي،





تون مونکي هميشہ سندر لڳو آهين،
۽ سندر ئي لڳندو رهندين.
سائنس جا ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ بہ،
آئون اهيو اعتبار هرگز نٿو ڪريان،
تہ ڪو تون ڪارو ۽ ڪوجهو آهين،
ويجهي کان بدصورت ڏسڻ ۾ ايندو آهين،
نہ هرگز نہ ... !
تون ڪيڏو نہ اڇو آهين،
تون ڪيڏو نہ سُندر آهين،
آئون ازل کان،
صدين کان هن مايوسين جي ڌرتيءَ تان،
توکي تڪيندو رهيو آهيان،
اي چنڊ،
ڪير جهڙا اڇا چنڊ..

❁

## منهنجو بابا نيٺ هليو ويو

مونکي جيجل جيئن ڇڏيو
اکڙيون مون کين اُپٽيون هيون،
اهنجي دنيا ڏسڻ کان اڳ،
ڏاڍو مون ڀاڪاريو هو.
مونکي دنيا ڀانءِ نہ پئي،
کين جيئڻ جي مانگ مون ڪئي،
مونکي زوريءَ آندو ويو ۽،
جيون واڙي واڙيو ويو.
مون ماتم برپا خوب ڪيو
مون ڀاڪاريو هو تڙپيو هو
۽ راڙ مچائي رڙيو هو.
ٻن ورهين جي ويل لنگهي وئي،
مون، هڪڙو منٽ بہ ماٺ نہ ڪئي،
مون رات رُنو مون ڏينهن رُنو.





مون ننڊ ڦٽائي امڙ جي،
مون تنهن کي سمهڻ ڪين ڏنو
مون هر هر ڇڻ ورجايو پئي،
هيءَ دنيا مونکي ڪونہ ڪپي.
پوءِ، مونکي آخر ڇڏيو ڇو ويو
غير نگر ۾ آندو ڇو ويو. . . ؟
مونکي ماٺ ڪرائڻ لاءِ،
بابا ويڄ وڙوليا ڪيئي،
ننڊ جو شربت پياريو ويو
۽ مونکي ننڊ سمهاريو ويو.
بابا مون لئہ بسڪيٽن جا،
آڻيندو هو ڪيئي بڪسا،
ڪٽمنيون پي آڻيندو هو
مونکي ڏاڍو ڀائيندو هو.
مون لئہ آندل ڪٽمنين کي،
پنهنجي ٻاتين ٻولين ۾ ئي،
”چمچون“ ”چيپون“ چوڻ سکيو مون،
”چيپون“ ڪائي ماٺ ڪري مان،
سمهي رهيس سانت ڪري مان.
نيٺ جواني نسري پيئي،
دل دنيا تي اُتري پيئي،
جوڀن جا مس گونج ڦٽا جو
منهنجو بابا نيٺ مري ويو. . . . !
منهنجو سارو جيءُ جهري پيو

انگ انگ ڪان ھي ڏيل ڏري پيو
بابا جي بي ست بدن کي،
ڪٽ تي آٽي ليٽايو ويو
ڪٽ جي سيرانديءَ ڪان ويھي،
ڏاڍو مون ڀاڪاريو ھوءِ.
راڙڪري مون خوب رنو ھو
لڙندڙسج کي للڪاريو ھو
”ڇمڇون“ ”ڇيپون“ ڪنھن نہ ڏنيون،
منھنجون ڪيڪون ڪنھن نہ ٻڌيون.
منھنجا سارا ڇيھہ ڇچي پيا،
جيون جا سب تار ٽٽي پيا.
منھنجو بابا آرامي آ،
شھر جي اُترئين قبرستان ۾،
آئون جيون جا ھي سارا،
بوجھہ کڻي پيو پيٽڪان وچڙان،
من اندر ۾ اڻ تڻ سانديي،
ھر ھر وياڪل سوچان ٿو
مونکي دنيا ڀانءِ نہ پئي،
ڪين جيئڻ جي مانگ مون ڪئي،
مون کي زوري آندو ويو ءِ،
جيون واڙي واڙيو ويو.
❃





# ماريو ڇو ويس...؟

تون پُڇين ٿو تہ ”مان ماريو ڇو ويس...؟؟
انڊيا جي فلم ”روبوٽ“ ڏِس،
جنھن ۾
پُرزا پُرزا ڌار ڪري ميوزم ۾ رکيل،
روبوٽ ”چِٽي“ کي ڏسي،
ھڪ اسڪولي ٻارڙي،
استاديائيءَ ڪان پڇيو تہ،
”ھن کي ايئن پُرزا ڇو ڪيو ويو...؟
تہ ميوزم ۾ رکيل روبوٽ وراڻيو
ان ڪري جو مون سوچڻ شروع ڪيو ھو...!
❃

# آزاديءَ جي موسم

هُن مونکان پُڇيو تہ،
”ڇا آزاديءَ جي بہ ڪا موسم ٿيندي آهي...؟؟
چيم ”ها“
جڏهن ڦاهين جا ڦندا،
گونج ڪيڍي ڦُلارجي پون.
۽ انهن ۾ ڪندَ،
ڳاڙهن ٻيرن جيان لُڙڪڻ لڳن،
۽ ڌرتيءَ جي سيني تي،
ڳاڙهي پاڻيءَ جو ريج اڇي،
۽ مائرون،
ٻارڙن کي سانجهيءَ ويلي،
قوميت جون لوليون ڏين،
تہ اِها مُند،
آزاديءَ جو اُهڃاڻ هوندي آهي...!

❊


www.sindhsalamat.com



# غـزل


www.sindhsalamat.com

ارتقا جا رخ موڙي، ڪين ڪوئي آ سگهيو.
انقلابن کي پڪوڙي، ڪين ڪوئي آ سگهيو.

گيت ڳائين جي ڳلا سي پل گُهٽي ماري ڇڏيو،
الفتن جا ساز توڙي، ڪين ڪوئي آ سگهيو.

خاڪ تي سي ويا هليا جن پيي لٽيا هت قافلا،
سرڪشيءَ جا لاش لوڙهي، ڪين ڪوئي آ سگهيو.

چا تہ ڏيندين مات تون جي ”غيرتون“ گڏجي اُٿيون،
ڪوڙ جا هت پير ڪوڙي، ڪين ڪوئي آ سگهيو.

تِج پيتي جنهن سنڌوءَ جي پاڪ پوتر آب مان،
تنهن ڏهيسر کي مروڙي، ڪين ڪوئي آسگهيو.

”*سعيد*“ جنهن دل جي رليءَ تي بيت ”ساميءَ“ جا سبيا،
تنهن سچائيءَ کي ادوڙي، ڪين ڪوئي آسگهيو.

❃


www.sindhsalamat.com



حُسن تو جاڻي حجاب چاهي، ڪوي تو جاڻي ڪتاب چاهي،
اسين تہ آهيون عقل کان وانجهيل، اهيو نہ جاڻون آداب چاهي.

ڪندا لتاڙي ڪتيا ڪشالا، ڪندن جي پيڙا پڇي سگهو ٿا،
اسان نہ ڪڏهن گهميو آ گلشن، اسين نہ جاڻون گلاب چاهي.

اسان جون راتيون رڳو اوجاڳا، اوهان جون راتيون ننڊون ۾ سپنا،
اسان جو پل پل رڙيون ۾ ڪيڪون، اڃان پڇو ٿا عذاب ڇا هي.

اوهان جي دل کي فڪر نہ ڪوئي، اسان جي دل ۾ هزار ڳڻتيون،
اوهان جا گفتا سنگيت سُر ۾، اسين نہ جاڻون رباب چاهي.

سوال خود کان پيا پڇون ڇا سچي حياتي ائين ئي هوندي،
تڏهن تپون ٿا تڏهن ڏڳون ٿا، جڏهن نہ جاڻون جواب چاهي.

اسان کي پيدا خدا ڪيو پر، ڪريون پيا ٿا اوهان جي پوڄا،
حَسينَ تنهنجي حُسن جا قيدي، گناهہ نہ جاڻون ثواب چاهي.

❃


www.sindhsalamat.com

غلامي رڳن جو وئي خون بنجي، اسان سرڪشي ڇڻ سمهاري ڇڏي آ،
اسان جا سويرا نمازن ۾ جهڪيل، اسان خود شناسي وساري ڇڏي آ.

اسان جا صبح ٿا غلاميءَ سان سرجن، اسان جون سُمهٽيون بہ سجدن ۾ جهڪيل،
اسان ڪيئن پڇون انقلابن جا پنڌڙا، اسان قومي غيرت ٺڏاري ڇڏي آ.

اسان ڇو تہ قومن جي تاريخ سمجهون، اسان ڇوتہ سچل پٿائيءَ کي پرکيون؟
اسان خوش رهون ٿا ٻچيءَ ۾ ٻڱتن سان، اسان ”پُڇ“ پنهنجي بہ ڊاري ڇڏي آ.

سڃاڻپ اسان جي رهي ڪين باقي، ازل کان اسان آ غلاميءَ ۾ گهاريو،
اسان بند اکين سان غلامي ڪيون ٿا، عقل جي بہ جهرڪي اڏاري ڇڏي آ.

❁





او آزاديءَ جا متوالا، ڇا آزادي آ پنندي ملندي ؟
انساني اتهاس پڙهي ڏس، آزادي آ ڇنندي ملندي.

ڪاري ڪُن ۾ ڪيچڙ سان گڏ ڪيسين رهندين روڳي بنجي،
شام شفق جي لالائي آ آڪاشن ۾ اُڏندي ملندي.

راند سِرَن جي سودي جي هيءَ، پير نہ پويان هٽبو ڪانئر،
شبنم جي آ مهڪ اوپيارا ماڪ ڦڙن ۾ پنندي ملندي.

هي جو ٻاڙهو رت اٿئي سو، ڌرتيءَ جي آ اَنَ مان اُسريو،
ڪٽڪ ڦٽي آ پيٽ پرڻ لئہ ڪاڙهن ۾ آ پچندي ملندي.

گيت ڏکايل مارُن جا، هي جهونگاريندين جذبا جڙندا،
”سعيد“ هي ساپيان سپنن جي آ، ويهندي نہ پر لُچندي ملندي.

❁

هن وياڪل وياڪل ڪينجهر تي، ڪوئي نہ تماچي آيو آ،
۽ نوري نستي نستي آ، ۽ گندريءَ سُک گنوايو آ.

هت پابوڙا ٿيا ساڻ ڪنول، پر نوريءَ جو آ هانءُ نبل،
ڪنهن ساز نہ چوريو واءُ لڳي، ۽ گيت نہ ڪنهن ئي ڳايو آ.

هت پاڻي ڪيڏو تار ڏسو، ۽ آڙين جا انبار ڏسو
هت مارين جا هي مار ڏسو، جن ڪيڏو رڇ لڳايو آ.

آ ”سعيد“ اجائي آس رکي، ۽ پاڻيءَ هوندي پياس رکي،
ڪيڏيون نہ قطارون موڪيءَ تي، پر ڪين مون وارو آيو آ.

❁



ڏيمي وَهِڪ درياء جي - مشتاق سعيد

رات آڌي پِني، ماڪ جا مينهڙا،
تون اجان پيو اُڏين، چو اَڙي پکيئڙا.

ولر ڪان پيي چِنين، ساٿ ڪان پيي ٽُٽِين،
ڪيئن اڪيلي ڪٽيئي، پوھ جا سيئڙا.

رات جي سانت ۾، راز ڪهڙا سلين ؟
دونهن وانگي دُکين، هاءِ ڙي هينئڙا.

چنڊ پيي ڏور ڏاڍو اٿئي او چري،
واجھ ڪنهن لئہ وجھين، پائين ٿي ليئڙا.

”سعيد“ تون چو ٻَڌي گهنگهرو پيو جُهمين ؟
ساز سارا ستل، گيت گم ٿيئڙا.

❁

مندر جا هِنِ ديپ اجهاڻا،
تارن جا پيي ڏور ٽڪاڻا.

گهر جي آڳر جهانجهر سُر تي،
چيرن جا هِنِ چم چمڪاڻا.

ماٺيءَ مان ڪو مڏ پري ڏي،
رات ٺري آ روح ريجهاڻا.

نينهن نشا نِتِ روز نوان هت،
موڪِي تنهنجا مڏ پراڻا.

گهرائيءَ ۾ گونج نہ ٿيندي،
لهرون ڪر اي سمنڊ اياڻا.

پير پُسائي سپيون ڳوليون،
ويرون وريون وقت پڄاڻان.

پن چڙ ۾ پئي سُرَ آلاپين،
ڪوئل تنهنجا وقت نہ ٽاڻا.

”سعيد“ اسانجو سيڙ نہ ڪوئي،
پاڙ ئي مومل پاڙ ئي راڻا.





ڪوڪ ڪيسين تہ ڪن، ڪوئلون رات ۾،
باک ٿي آ پري، ٻڙ پنو ساٿ ۾.

ها هنيلي هئي ”ڪاسبي“ جي ڪلي،
چنڊ ڪي ساڙ هو، رات جي تات ۾.

ٺر مٺي ٺوهرن ڳاٺ اوچا ڪيا،
ڪا ڊُڪي ڊيل ٿي، رات جي سانت ۾.

”چوڙيا“ جو مندر، گهنڊَ لوري ڏين،
چئو ڪٺي ”سعيد“ تو چا ڏٺو ڏات ۾

❃

ڪورا ڪورا گيت ڪويءَ جا، بک جي باھ ڪيئن وسائن،
ڏات گھٽي آ پيٽ بکيو آ، آنڊا بک ۾ چڪ ٿا پائن.

پاٽيءَ لپ تي رات گذاري، ننڊ ئي نيٽان اڏري ويئي،
ڏس او ڏرتي ڏس او ڏرتي، پو پي تنهنجا ڳيچ پيا ڳائن.

بات بڪايل ڏات بہ گھايل، چنڊ ڏسي پيو اُپڙي اوريان،
شاعر جي آ جاڳ نہ نبري، ميڻ بتيون هي تہ تمڪائن.

ڪوئل جي آ ڪوڪ ڪپر تي، ساجهر لوڏيا تارن ڏي هٿ،
سانباها ٿيا سچ اچڻ جا، ڪتين پي ڪَرَ موڙيا آهن.

"سعيد" هي تنهنجو ديس پيلا چوڻ سورن ۾ آ پليو نپيو
سسئيءَ جا پي سڏ سمهي پيا، مومل جا هٿ منڊ بہ ناهن.

❃



ڏيمي وَهِڪ درياء جي - مشتاق سعيد

ڦِتي ننڊ منهنجي، اُتي شاعري آ،
وري روح مان ڪا، رَڙي شاعري آ.

ڪڏهن مِينهن وانگي، ڪڏهن شينهن وانگي،
ڪري گوڙ ڏاڍا، گُڙي شاعري آ.

ڪڏهن ڪات بنجي، وِڍي دل چِڏي تي،
ڪڏهن سُئيءَ وانگي، چُڀي شاعري آ.

ڪڏهن واءُ بنجي، ڪڏهن تاءُ بنجي،
ڪڏهن گھاءُ بنجي، ملي شاعري آ.

ڪڏهن سج وانگي، ڪڏهن چنڊ وانگي،
مٿان ذهن منهنجي، ٻري شاعري آ.

جليا خيال منهنجا، ڪري دانهون ڪوڪون،
تڏهن مينهن وانگي، وَٺي شاعري آ.

جڏهن "سعيد" دل کي، رسيو ڪوئي ڏڪ آ،
تڏهن نير ڳاڙي، رُني شاعري آ.

❃

موت ڪي تون چڏ قبولي، زندگيءَ ڪي چا ڪندين،
زندگي آ بي وسي تون بي وسيءَ ڪي چا ڪندين . . . ؟

نيڻ نيڻن سان ملائي، تو ڪرين ٿو پيو قتل،
سا ئي آهي رهزني ٻي رهزنيءَ ڪي چا ڪندين . . . ؟

بندگي آ بندگي پر، شال راضي هو ٿئي،
جنهن ۾ جانب ٿئي نہ راضي بندگيءَ ڪي چا ڪندين . . . ؟

بي وفا هي آ زمانو دل لڳيءَ ۾ درد آ،
دردَ توڪان ڪين سهبا دل لڳيءَ ڪي چا ڪندين . . . ؟

پيار ڪي اي ”سعيد“ تون چو ايڏو بهتر ٿو چوين،
زندگي جا ٿِي اجاڙي بهتريءَ ڪي چا ڪندين . . . ؟

❋


www.sindhsalamat.com

ڏيمي وَهِڪ درياء جي - مشتاق سعيد

زندگيءَ جي آ پڇاڙي چيلهہ منهنجي وئي جهڪي آ،
هڏ پيي ڪرڪڻ لڳا پر ياد پوڙهي ڪونہ ٿي آ.

نئين جوانيءَ ۾ جنوني پيار توسان هو ڪيو مون،
واڳجي وئي يار توسان زندگيءَ جي هر خوشي آ.

وار منهنجا ٿيا اڇا پر دل ڇري ڪنهن ٻار وانگي،
ڪونہ سمجهي بي وسي چا ؟ ضد پنهنجي تي پڪي آ.

زندگي ڪيڏي ننڍي سا پوڙهپڻ ۾ پئي خبر آ،
مختصر آ هِي سفر ۽ ڦوه جواني عارضي آ.

اڄ سپاٽي نيث وچڙو آهي يارو ڏور ڪنهن ڏِسِ،
گيت توکي ارپيان ٿو مون بقا هي شاعري آ.

❋


www.sindhsalamat.com

ڪو ڏيئو مون وٽ آهي ائين لڳي ٿي شاعري،
جڻ انڌي وٽ لٺ آهي ائين لڳي ٿي شاعري.

ڪيترا چلڪا ڪٽي تنهن ۾ سمايان سونهن جا،
سونهن ۾ پر گهٽ آهي ائين لڳي ٿي شاعري.

موج ۾ ماپي نٿي مهراڻ جيان ٿس مستيون،
پاڻ پنهنجو مٽ آهي ائين لڳي ٿي شاعري.

جڻ رقاصا رقص پئي ٿي روح مهنجي ۾ ڪري،
رقص جو اڻ ڪٺ آهي ائين لڳي ٿي شاعري.

گيت پالا ٿي لڳن ٿا بي ضميرن کي سدا،
ڪات يا ڪو ڪرٽ آهي ائين لڳي ٿي شاعري.

خوب ڪا تنقيد ڪريو سوچ منهنجي هي اٿوَ
جڻ تہ منجهيل سُٽ آهي ائين لڳي ٿي شاعري.

❁


www.sindhsalamat.com

ڏيمي وَهِڪ درياء جي - مشتاق سعيد

ڪوڙ پاتم قربتون مان الوداع ٿو اڄ چوان،
باغ مان ڪليون ڪُٽيون مان الوداع ٿو اڄ چوان.

چنڊ جون هي چاندنيون ۽ رات جون هي راڳڻيون،
ناڻ تنهنجي سڀ خوشيون مان الوداع ٿو اڄ چوان.

ماڪ جا ناريل پيالا مئي سندا تولئہ سيئي،
تون ئي پرجان سرڪيون مان الوداع ٿو اڄ چوان.

ڪيئي ڳل تي، ڪيئي چپ تي نيڻ جي آڱر مٿان،
سارجان پيو سڀ چُميون مان الوداع ٿو اڄ چوان.

رات جا پاڪر گرم ۽ ننڊ هاٽان نيڻ سڀ،
هاڻ تو لئہ يادون مان الوداع ٿو اڄ چوان.

زندگيءَ جو اڌ حصو جي گيت جاڳي مون لکيا،
سي ئي تو لئہ سوکڙيون مان الوداع ٿو اڄ چوان.

جن جي خوابن جي تون ساپيان جن جي سپنن ۾ سَجين،
تن جون توکي پارتون مان الوداع ٿو اڄ چوان.

لهر جا سرگم سيئي سنڌوءَ سنديون موجون وڏيون،
هاڻ توکي پرتيون مان الوداع ٿو اڄ چوان.

سنڌ جي پارت اٿئي هن قوم جو پٽڪو ٿجان،
ياد رکجان لوليون مان الوداع ٿو اڄ چوان.


www.sindhsalamat.com

سرنهن جي گلن ۾، جُهلي تي جواني،
تتيءَ ۾ تپي آ، نئين زندگاني.

ڪتين ڪان اُڏارا، ستارا گهرياسين،
افق تون ڏسين ٿو اسان جي ناداني.

گهٽا رات آ ڙي، تون چوري هلِي آ،
اڙي يار جاني اڙي يار جاني.

ڪنول جي ڪلين تي لکين پئونر پيرا،
اڏارون اڏارون پرت جي نشاني.

اجان ”سعيد“ منڙو اُتر واءُ وانگي،
اجان پيي سُرن ۾ اهائي رواني.

❋





تو جو مرڪي نيڻ ڪنيا هن،
جڻ جوين تي باک ڦُٽي آ.

مُرڪ اوهان جي مون لئہ جياپو،
منهنجي من تي باک ڦُٽي آ.

ڪوئل تي ڏس هر هر ڪوڪي،
هر پن پن تي باک ڦُٽي آ.

عشق اسان جو جوشيلو آ،
ڏس جذبن تي باک ڦُٽي آ.

درشن تنهنجو مون لئہ دارون،
جڻ زخمن تي باک ڦُٽي آ.

سورج آنئون ايري آيو،
ڪپ ۾ ڪُن تي باک ڦُٽي آ.

ڪوماٽيل هِنِ سوچون منهنجون،
دل جي بن تي باک ڦُٽي آ.

❋

# وايون

سنڌ سلامت


www.sindhsalamat.com

ڏيمي وَهِڪ درياء جي - مشتاق سعيد

ڪُنَ ڪناري گيت نہ ڳائي،
آنڌي ڪائي اڇٽي آهي.

پٽ ڏٽيءَ جي اوٽ وٺي پوءَ،
واين ڪي ورنائي،
آنڌي ڪائي اڇٽي آهي.

ناوَ نہ تنهنجو بار هي سهندي،
راڳي راڳ رچائي،
آنڌي ڪائي اڇٽي آهي.

لهس لهس ۾ آڳ اُلي ٿي،
پنيٺ کو پڙڪائي،
آنڌي ڪائي اڇٽي آهي.

”سعيد“ پرينءَ جي سونهن سريران،
پنهنجو من مهڪائي،
آنڌي ڪائي اڇٽي آهي.

❁


www.sindhsalamat.com

تڙ تي ڪپڙا ڌوئي ويني،
ڪنواري ناري ڀهراڙيءَ جي.

پنهنجي گهر جي آڳر تي ٻيهه،
آلا وار نچوئي ويني،
ڪنواري ناري ڀهراڙيءَ جي.

گوڏي تي آ سوٽي ڪپڙو،
تنهن ۾ ڌاڳا پوئي ويني،
ڪنواري ناري ڀهراڙيءَ جي.

نياڻيءَ جو حق بخشايل آ،
پنهنجي پر ۾ روئي ويني،
ڪنواري ناري ڀهراڙيءَ جي.

❋





متيءَ ۾ دفناءِ،
ڪانڌي ڪالهه ويا.

منهنجو ٻج عدم،
آدم جئن اُسراءِ،
متيءَ ۾ دفناءِ،
ڪانڌي ڪالهه ويا.

تجليءَ هڪڙيءَ مان،
سهسين روپ ٻڻاءِ،
متيءَ ۾ دفناءِ،
ڪانڌي ڪالهه ويا.

هوندس مان نه هتي،
هوندس پر هر جاءِ،
متيءَ ۾ دفناءِ،
ڪانڌي ڪالهه ويا.

جوهر منهنجو آ،
گل ڦل جو جرڪاءِ،
متيءَ ۾ دفناءِ،
ڪانڌي ڪالهه ويا.

❋

مونکان منهنجو گيت،
رات رُسي ويو.

تنبوري جي تار ٽٽي پئي،
سارو سُر سنگيت،
رات رُسي ويو.

ايڏو چنڊ پري ڇو آهي،
جنهن کي پانيم ميت،
رات رُسي ويو.

من اجارو بوند نہ باسيئين،
کهڙي سانوڻ ريت،
رات رُسي ويو.

"سعيد" اڪابر عشق منجهايا،
هار بہ ٿيندي جيت،
رات رُسي ويو.

❋





دل جو مندر ويرانيون آ،
پٿر جي ڏس پوڄا ٿئي پئي.

ڪعبي مان بت ڊاهي اڏيل،
منظر جي ڏس پوڄا ٿئي پئي.

آدم جو اولاد ٺڙيو ۽،
ڪافر جي ڏس پوڄا ٿئي پئي.

گلشن اجڙيو خالي واري،
بنجر جي ڏس پوڄا ٿئي پئي.

حُسن هستي ويڳاڻي آ،
ڪمتر جي ڏس پوڄا ٿئي پئي.

"سعيد" اپيچند جي ئي صدقي،
ننگر جي ڏس پوڄا ٿئي پئي.

❋

پنن جي پانڌ تي، لفظن جا لڙڪ،
پڇين ٿو تہ ڪنهنجا هن . . . !

بدن جي پورءَ تي، هيڏا سي چهڪ،
پڇين ٿو تہ ڪنهن جا هن . . . !

پريل هي مَٿِ آ، پيتي مون سُرڪ،
پڇين ٿو تہ ڪنهن جا هن . . . !

ڪَسيا جو خواب ٿو اکين ۾ اشڪ،
پڇين ٿو تہ ڪنهن جا هن . . . !

ستارا قطار ۾، ڪتين جا افق،
پڇين ٿو تہ ڪنهن جا هن . . . !

اڃان ”سعيد“ توکي، ڇا جي آڇِڪ،
پڇين ٿو تہ ڪنهن جا هن . . . !

❋


www.sindhsalamat.com



هُر ڪُر آ منجهہ هانءُ،
الا ڙي ڏات ڏنئي ڇو ڏانءُ.

من جي هرٽي رڻ ۾ ٻوڙي،
کهڙي ڳولي ڇانءُ،
الا ڙي ڏات ڏنئي ڇو ڏانءُ.

مڌ پريان مان ڇا ۾ منڙا،
ڪونهي ڪوئي ٿانءُ،
الا ڙي ڏات ڏنئي ڇو ڏانءُ.

من جي ڪوئل ماٺي ڪيسين،
ٻولَي ڪيسين ڪانءُ،
الا ڙي ڏات ڏنئي ڇو ڏانءُ.

”سعيد“ اڃاتي اڻ تڻ من ۾،
ڪنهن سان اوريان آنءُ،
الا ڙي ڏات ڏنئي ڇو ڏانءُ.

❋


www.sindhsalamat.com

توکان وڇڙي رات،
ڪيڏو ٻاڏايو آ !

گيت رُسي ويا دلبر مونکان،
تولهٔ منهنجي ذات،
ڪيڏو ٻاڏايو آ !

هرڻ اجارو بن ۾ بي وس،
تنهن لهٔ ڏس برسات،
ڪيڏو ٻاڏايو آ !

ڪنهن لهٔ ڳائي ڪنهن لهٔ ڪوڪي،
ڪوئل جي پي لات،
ڪيڏو ٻاڏايو آ !

تو بن ”سعيد“ نہ هستي ڪائي،
دل ۾ تنهنجي تات،
ڪيڏو ٻاڏايو آ !

❋


www.sindhsalamat.com

ڏيمي وَهِڪ درياء جي - مشتاق سعيد

مونکان منهنجي ذات،
ساهہ گهريو آ سيڻ ٿيڻ لهٔ.

پسي پنهنجو يار، پٽر آتو ميڻ ٿيڻ لهٔ،
مون کان منهنجي ذات،
ساهہ گهريو آ سيڻ ٿيڻ لهٔ.

قيدي نڪتو ڪالهہ، واپس آيو قيد ڪٽڻ لهٔ،
مون کان منهنجي ذات،
ساهہ گهريو آ سيڻ ٿيڻ لهٔ،.

”سعيد“ پيو سوچين، جيون آهي يار مرڻ لهٔ،
مون کان منهنجي ذات،
ساهہ گهريو آ سيڻ ٿيڻ لهٔ،.

❋


www.sindhsalamat.com

عشق جي آڙاهہ ۾،
روز ٿا جذبا جلن.

دل لڳي بي درد سان،
بي وفا جي چاهہ ۾،
روز ٿا جذبا جلن.

پيٽ بکيو تورهي،
مفلسيءَ جي باهہ ۾،
روز ٿا جذبا جلن.

ٿي وڃي ٿي شاعري،
ذات جي هن راهہ ۾،
روز ٿا جذبا جلن.

سونهن ڪمزوري اٿم،
سونهن جي ساچاهہ ۾،
روز ٿا جذبا جلن.

❋





لاڙي ڏي اُڀ لام،
تارا ٽورا ڇاٽيان مان.

ڪيڏا گُگهہ انڌيرا آهن،
منهنجا سارا گس ۽ گام،
تارا ٽورا ڇاٽيان مان.

وياڪل وياڪل ڪونج اڏاڻي،
سرمي جهڙي سندر شام،
تارا ٽورا ڇاٽيان مان.
چانوَ ڇپر جي ٿي نہ سگهين پوءَ،
هنيئي چو ٿي ايڏي هام،
تارا ٽورا ڇاٽيان مان.

ويراڳيءَ جو روڳ نپوڙي،
ڏوڪي ڏس هي روڳي جام،
تارا ٽورا ڇاٽيان مان.

❋

وار نہ پنهنجا چوڙ
ڳوناٺي او ڳوناٺي تون.

تڙ تي تولئہ روز اچي ٿو
تنهن سان جيئڙو جوڙ
ڳوناٺي او ڳوناٺي تون.

ڪنهن جي من جي گهرائيءَ جو
چا ٿي ڳولين توڙ
ڳوناٺي او ڳوناٺي تون.

ڪنهن جي دل ۾ ڪيڏي سِڪ آ،
پنهنجو پاڻ پروڙ
ڳوناٺي او ڳوناٺي تون.

چاهي ٿو هي"سعيد" بہ توکي،
تنهن جي دل نا توڙ
ڳوناٺي او ڳوناٺي تون.

❁


www.sindhsalamat.com

ڏيمي وَهِڪ درياء جي - مشتاق سعيد

# چؤسٽاء


www.sindhsalamat.com

چيڙهه چڳون ۽ چتيون چولي،
هو جوساموهون پينو ٻار،
منهنجو سوئي مستقبل آ،
پني پيو جو رستي پار.

❃

ٻکن پيٽ ٻاهيون اجاري ڏسو پيا،
پني ٻئي ٻَٽن تي لچاري ڏسو پيا،
”او چاچا او چاچا خدا ڪاڻ ماني“
اڙي قوم وارا هي زاري ڏسو پيا.

❃

اڙي غيرتون چو مري جڻ ويون هن،
ننگن تي نسورا جو ڏاڙا لڳن پيا،
چئي روز ڪاريون اسان جون نياڻيون،
هو پاپي وڏيرا لڄن کي لٽين پيا.

❃

جمنا جَلَ ۾ وهنتي آهي،
”جنتا“ منهنجي اجري اجري،
منهنجو ان ۾ ساهه سماڻو
منڙو پيو ٿمر نکري نکري.

❃



www.sindhsalamat.com



تو گل پٽي رابيل سندا،
چو مئي خاني کي سجايو آ؟
هو مڏ ڏسي ٿا ٻاڪارين،
تن ماڪ ڦڙن کي چاهيو آ.

❃

آيا بادل برسڻ جي لئہ،
تن تي تنبو ڪوڙيو آ مون،
وڄ جيان هر گيت اُلاري،
هر هڪ جيءَ جهنجهوڙيو آ مون.

❃

رات پٽيو آ وات وري،
سج کي ڳڙڪائڻ جي خاطر،
مون پيي ڪوليون ٻانهون پنهنجيون،
پياري تو لئہ آتو پاڪر.

❃

اڻ پورا جي خواب اکين ۾،
اکڙين ۾ ئي پوريان ٿو،
ساهه ڏنو ٿمر ڏرتي تو لئہ،
گهاوَ نہ پنهنجا گُهوريان ٿو.

❃



www.sindhsalamat.com

جوڀن جو مون خواب ڏٺو هو،
چرڪ ڀري مان جاڳيو آهيان،
وار اڇا ۽ سَرَ سَرَ منهن تي،
ٻيو ڪو هان يا ساڳيو آهيان.

❁

پل پيي مون کان ڪون ٿو وسرين،
ياد جا منظر سِرجن پيا ٿا،
مان تہ ستل هان ننڊ ۾ ليڪن،
خواب اجان ڀي جاڳن پيا ٿا.

❁

هٽي جو ڇهنڊڙي توکي اهوئي گيت ڳايون ٿا،
جنجهوڙي جا ضميرن کي اهائي ريت ٺاهيون ٿا،
نہ کي سودو ڪيوسين ڪو نہ کي نوٽن وڪاڻا هون،
اهو جي پاپ ٿا سمجهو تہ پوءِ پاپي پراڻا هون.

❁





سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌي ڪتابن جي سڀ کان وڏي
ڊجيٽل لائبرري

www.sindhsalamat.com